# ایک تھات کی پیچ

شیخ ایاز



# راڄ گهاٽ تي چنڊ

شاعري

## شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر نوانوي

ڇپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد ، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ — جمالي پرنٽنگ پريس حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن — آڪٽوبر 1987ع

ٻيو ايڊيشن — جون 1989ع

ٽيون ايڊيشن — جولائي 1998ع

ٽائيٽل، اسڪيچ ۽ ڪيليگرافي — فتاح هاليپوٽو

قيمت — 80/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

RAJ GHAT TE CHAND (Poetry) Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Muhammad Hyderabad, Sindh. Pakistan . First Edition October 1987. Second Edition June 1989. Third Edition July 1998. Price per copy Rs.80/-

Book No: 99

# فهرست


| عنوان | صفحا |
| --- | --- |
| مهاڳ | [10(x) - 1] |
| بيت | [17 -13] |
| وايون | [110 - 31] |
| راڄ- ڪهاٽ تي چنڊ.... | 31 |
| ڇا هيءَ ساڳي ناوَ .... | 32 |
| ”ناگپور تي ومانَ ۾ هڪ رات“ | 33 |
| ”گوداوريءَ تي باڪ“ | 34 |
| بيڪس، ڪنهيو- روهڙي .... | 35 |
| جهٽَ نه جيئان تو ٻنان .... | 36 |
| رابيل- رُت، مايا نگر .... | 37 |
| اڃان به آڏا .... | 38 |
| ”١٩٨٧ع“ | 39 |
| ڪلڪتو، ڳانڌي .... | 40 |
| هي جي آيا ههير.... | 41 |
| ڙ ۾ آهه پڇان .... | 42 |
| هوءَ جا ڳجهي ڳال .... | 43 |
| ڏٺي منجهه فرنگي- .... | 44 |
| ٽي ٻري ليڏن ڳراڙ.... | 45 |
| آڏو سڄ مٿان .... | 46 |
| ڏرتي! بس ڏو ساڻ .... | 47 |
| انت ته اڇتو آنهه .... | 48 |
| ’ڏون‘ ڏي ڏون آهين.... | 49 |
| ڏون تيرهن سؤ سال .... | 50 |
| آهه ساڳي پارڪر- .... | 51 |

| عنوان | صفحا |
| --- | --- |
| سڪرُ! ڪالهه ڏٺو هيو، تو جيڪو هيمون..... | 52 |
| هيمون ڪلاڻي، .... | 53 |
| ٿي ويا ناهر ڏنار .... | 54 |
| هائي ته پري ناهي .... | 55 |
| هائي لڪ" دليون .... | 56 |
| هي جي ڪيئي ڪنَ .... | 57 |
| هو مون ڪان ڇا لاءِ ڏڪن ٿا .... | 58 |
| رات پر تنهنجي پڪارَ .... | 59 |
| ڏرَ تتي پيئي ڏڏي .... | 60 |
| رات، نڪارا ڳڻا .... | 61 |
| ماڳ ڏسي جي مترڪن ٿا .... | 62 |
| "١٩٩٥ع" | 63 |
| سٽوسيون سپايو .... | 64 |
| آهن بند ڪواڙَ .... | 65 |
| ڏر ۾ چٽڪي آهي .... | 66 |
| اوچتوءَ ويندين ملي .... | 67 |
| اڄ ته اوچا آڪَ .... | 68 |
| گنديون ڇپايو .... | 69 |
| هو آوچو آڪاش .... | 70 |
| جڻ جڻ گهٽي جاڙ .... | 71 |
| ڀڪي ٿي ڀڪرال .... | 72 |
| ڪالهه هيا آڏنگ، .... | 73 |
| ڏو ٿيندا ڊائنيڙا! .... | 74 |
| ڪجن ٿا ڳجگاٽ .... | 75 |
| ويل آن ساهي پٽن جي .... | 76 |
| مٿان وسيي ماڪَ .... | 77 |
| ڏاريون هوئن نه ٿوڙ! .... | 78 |

| عنوان | صفحا |
|---|---|
| اوکي اوچي ڳاٽ.... | 79 |
| مٿي ٻه تو وٽ مٿي.... | 80 |
| ناهي ڪا نٽي.... | 81 |
| ڏيندي وڃُ وَڪڙَ.... | 82 |
| ڦوڙي ڦوڙي پيهُ،.... | 83 |
| هي جو گيت اڌورو آهي.... | 84 |
| ڌرتي، مون سان وَڙ.... | 85 |
| اڄ آڌيءَ رات جو.... | 86 |
| ڪيسين لِڪ لِڪي.... | 87 |
| جي تنهن ڪائي وٿ،.... | 88 |
| وٺي پيا وات تي سورج مکيءَ گيت.... | 89 |
| پيو مينهُن وسي.... | 90 |
| برکا رُت، آڌ رات ڇڇهري،.... | 91 |
| منهنجي سيني تي اڄان.... | 92 |
| بادل ٿا برسن،.... | 93 |
| توکي ڪٿي ساربان.... | 94 |
| کهڙي ڪرڻفُل.... | 95 |
| اونهاري جون راتڙيون.... | 96 |
| اهڙي اک ڳهٽي.... | 97 |
| آئيوءَ جو ٻن ٻن.... | 98 |
| سمنڊ جهڙن گرجا جا گهنڊَ.... | 99 |
| ڪيترا ڏينهن ٻرن ٿا، رات آئي،.... | 100 |
| نوري! مهاڻا.... | 101 |
| هي جو منهنجو ماسُ،.... | 102 |
| پوئين وير اچي وڻي آهي،.... | 103 |
| وٺي ڙي وڻي.... | 104 |
| ڪيترو تو ۾ آهه!.... | 105 |

| عنوان | صفحا |
| --- | --- |
| تون جڏهن گذرين ته واڙيون .... | 106 |
| ياد اچين ٿي تون .... | 107 |
| ميگهه - دوت تنهنجو .... | 108 |
| تنهنجي ڪنجهي جئن پرھ .... | 109 |
| چنڊ جا پاڇي نه پيري .... | 110 |
| **گيت ۽ غزل** | [119-113] |
| هيڪلڙو ، من هيڪلڙو .... | 113 |
| ايڏي چنپ آپار .... | 114 |
| ڳاھ وري ڪجھ ڳاھ، بانورا .... | 115 |
| ڏکڻ مينهن پلي وسي .... | 116 |
| موت کي مات ڏني آهي ڪنهن .... | 117 |
| سازريون نينگريون پنڌ ۾ .... | 118 |
| ٻاڻ ڪان ڪنهن هرڻ جيان نه پڇو .... | 119 |
| **ٽي سٽا** | [136 - 123] |
| **نثري نظم** | [167 - 139] |
| تون ۽ مان ان وقت مليا هئاسين .... | 139 |
| مون سپنو ڏٺو هو .... | 140 |
| ان ۾ ڪوئي شڪ نه آهي .... | 141 |
| ”گيتا، لنڊن ۾“ | 142 |
| ڪونجن جو وڳر / اڏائو .... | 143 |
| لاز ۾/ ڪوئي ٻارڙو .... | 144 |
| آبد جي ڪپاڙخاني ۾ .... | 145 |
| ”پٽائي“ کي | 146 |
| منهنجن لوُئن ۾/چانديء جون تارون .... | 147 |
| مان پنهنجي رسالي تي جهڪيل آهيان .... | 148 |
| هي نيلو پيلو گهاگهرو .... | 149 |
| ڇا تون مون کي اجازت ڏيندين .... | 150 |

| عنوان | صفحا |
|---|---|
| مون کي ياد نہ آهي .... | 151 |
| هي ڪير آهي؟ .... | 152 |
| سبط حسن .... | 153 |
| ڇا تون ماضيءَ جا دروازا .... | 154 |
| ماڙي پنيان/ اٺويھہ سو سٺيتاليھہ.... | 155 |
| منهنجا ڪلها ڳسي رهيا آهن .... | 156 |
| منهنجي ديس جا/چين نواز اشتراڪي .... | 157 |
| جيئن ڪجين جا/ڀرپور گوشا .... | 158 |
| اڪويهين صدي شروع ٿي چڪي آهي .... | 159 |
| ٻڌين ٿو؟/شيون ڳالهائن ٿيون؟ .... | 160 |
| سيڪريٽريٽ ۾/هو فائيل .... | 161 |
| منهنجون نظرون .... | 162 |
| هي ڪهڙو بسنت آهي؟ .... | 163 |
| چين سيلاني/شيو سانگ، | 164 ـ 165 |
| هن ديس ۾ هڪڙو ٻن ٻہ .... | 166 |
| مون ليار جي وڻ کي چيو: .... | 167 |
| **نظم** | [171 ـ 231] |
| ڪوڏ ڪٿڻ ڪناري تي .... | 171 |
| ٻاک ڦٽيءَ جو شعر لهن تا .... | 172 |
| اڃا احهائل ڏيئو ناهيان .... | 173 |
| تون جو ڇڻ ڪنهن وقت ڏسين ٿي .... | 174 |
| پيار تہ مون سؤ ڀيرا ڪيو آ .... | 175 |
| ”لاهور جي انٽرنيشنل هوٽل ٻاهران“ | 176 |
| شاعري طبيعت تي/ايترو تہ ڇانئجي آ .... | 177 |
| چنڊ رات اي سائي | 178 |
| آڏيءَ جي خاموش نگر ۾ .... | 179 |

| عنوان | صفحا |
| --- | --- |
| دور ستارا ٻوڙها آهن .... | 180 |
| تنهنجا گيت ڪڏهن اي ڌرتي ! .... | 181 |
| ڪجهه ته ٻڌو اڄ ياسمي من کي .... | 182 |
| چانڊني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽن جيان .... | 183 |
| سارو عرش منور آهي .... | 185 _ 184 |
| مرزا "رسوا" وانگر شاعر .... | 186 |
| "ٻاس" | 187 |
| ڪيڏو ياد ڪيان ٿو توکي .... | 189 _ 188 |
| هيءَ تنڊ به امرت وانگر آ ! .... | 190 |
| شهر سيلاب ۾ .... | 191 |
| "امير خسروءَ جي مزار تي" | 192 |
| "اڳڪٿي" | 193 |
| لوهي دروازي تي تالو .... | 194 |
| "فلسطين جو گيت" | 195 |
| نعرو ڪو هٿيار نه آهي .... | 196 |
| هي سنڌوءَ جي ڇر ۾ .... | 197 |
| هي جو انڌياري ڌرتيءَ تي راڄ ڪري ٿو .... | 198 |
| آزاديءَ لاءِ روز مرن ٿا ماڻهوڙا .... | 200 _ 199 |
| راڄ مهاڄڻ ڪوئي ناهي .... | 201 |
| 'جو چوين ٿو/ سا حقيقت آهه شاعر' .... | 202 |
| موت مسئلو ناهي .... | 203 |
| هي شاعر جي لهرائن ٿا .... | 204 |
| پنهنجي جهڙي يارو .... | 205 |
| پنهنجي ذات پرائي آهي .... | 206 |
| حڪمران ڪي ڪونه ميڄون ٿا .... | 207 |
| تنهنجون ڳهليون ڳالهيون ڇو ڪي .... | 208 |

| عنوان | صفحا |
| --- | --- |
| ڪي ماڻهو تاريخ ٺهين ٿا .... | 209 |
| ڪالهه جڏهن سون وارياسي ۾ .... | 210 |
| ٻاڪ ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو .... | 211 |
| "اورنگيءَ ۾ فساد" | 212 |
| "اپريل 1985ع" | 213 |
| ٿرڊ ڪلاس جي گاڏي ۾ هوءَ .... | 214 |
| نظريا جن ڪي نظر ڪائي نه آهي.... | 215 |
| ڪپيرو/ ڪاڙها/ ۽ گهر وارا .... | 216 |
| هي ڏيکارا/ رنگارنگ گلن جا ٻارا.... | 217 |
| ماڻهو سڀ ڪجهڙا آهن- .... | 218 |
| "دهشت پسند جو موت" | 219 |
| اڄ ٿن جي بندوقن مان .... | 220 |
| هي وڻ، جو ڪجهه ڏيوڙي ٻيو آ .... | 221 |
| ون ٻه، ساڳيو واس ٻه ساڳيو، .... | 222 |
| "فاشي فوج جي شڪست" | 223 |
| عمر گذري وئي/ دک هن ديس جا .... | 224 |
| انقلابي اٿو ! .... | 225 |
| جيءَ جي جلاوطني .... | 226 |
| هو سڀ آڌيءَ رات اچن ٿا، .... | 227 |
| رات جي سياهيءَ ۾ .... | 229 _ 228 |
| گيت ٻه چڱ گوربلا آهن، .... | 230 |
| جوت ٻرندي رهي .... | 231 |
| پلناهو | 232 |

اهڙي ا ڳ - ڳٽي
کهڙيءَ ڪوتا ڪي هئي؟
ڪنهن هئن دانهن ٻڌي هئي
ڏکي ڌرتيءَ جي؟
ڇا ا ڳ ڏيهه ڏٺا هيا
ڏاهپ هئن ڏمري؟
من - پيڙا جي ٻولڙي
ڪنهن هئن ڪُرلائي؟ (وايون، ص ٩٧)

سهڙي جا سيڪاٽ تي، ڪنوڻ سا ڪاٺوت
متان ڪاٺو موت، ساري سنڌ ٻري پئي (بيت، ص ١٦)

هي جو ريتُ رتو آ، ڪيسانو موريءَ،
آئي ڪنهن ڪوريءَ، ڳاڙهي اُٽ ڪيتري! (بيت، ص ١٧)

او شل ڏهي ٻوهه، ڪائي آ ڳ ٻري پئي،
لوهر ڦوڪي لوهه، رڪ ڪري ڪو پڌرو! (بيت، ص ٢٠)

اڃي ٿو هيڪارَ موت ته سيني جيءَ متان،
مئي ناهه مهارَ، جي تون جمئين جسُ سان. (بيت، ص ٢١)

هي سرءَ چاليهه سال!
روز ساڳا ڏينهڙا!
سج اُڀري ٿو، اُٿن ٿا سوچ ۾ ساڳيا سوال-
سج اُلهي ٿو، منهن تي ٿا ملن ساڳيا ملال-
ها فقط سرها لڳن ٿا، اڄ به ڌرتيءَ جا دلال-
هو وسنتي وس پائي، ٿا هئن ڪوڙا گلال-
ڪيترو تو لئه تڪيان؟ هائي پلائي آهه پال!
روز ساڳا ڏينهڙا!
روز ساڳا ڏينهڙا!
روز ساڳا ڏينهڙا! (وايون، ص ٣٩)

ٽمي ٻري لينن-گراڊ-
ٻه ٻرسن تائين.

’اولگا‘ جي شاعريءَ ۾
اڄ ٻــ نازي آهه ياد- ٻه ٻرسن تا پيا.
اڄ ٻه سنهنجا ديس تو ۾
ڇــن تہ نازي بدنهاد! ٻه ٻرسن تا پيا.
اي ڏکن! گهٽلندين ڪڏهن تون
آهه اي بـادِ مــراد- ٻه ٻرسن تا پيا. (وايون، ص. ٤٥)

ڌرتي! بس ٿوسان
ماڻهوءَ ٻولَ نہ پاڙيا!
آڏيءَ مانجهيءَ گيت ٿو ڳايان آءٌ اڄان.
سپني منجهہ رچي وڃي ماڻهو نيٺ مٿان!
(ماڻهو سپنا ٿو آڻي پنهنجي رتُ پنهہ مان)
رانئي جنرُ ٽرُ آئيو ڳاڙهو سج مٿان! (وايون، ص ٤٧)

’تون‘ ني تـــون آهين
منهنجي پـون آهين،
او آيل! او سنڌڙي!
منهنجي ساري ذات تون
منهنجي ’مون‘ آهين- او آيل! او سنڌڙي!
تون ئي منهنجا بيت آن
تـون وايـون آهين- او آيل! او سنڌڙي!
اڄان نڪتي چونہ تون
ڪاهيءَ ڪوُن آهين؟- او آيل! او سنڌڙي!
وه.ٻيءَ جي والارَ ۾
ڏينهن تہ ڏون آهين!- او آيل! او سنڌڙي! (وايون، ص ٤٩)

بادل ٿا برسن

جيڏا، وري جهوڪ ۾ ٿي.
شاهه عنايت آءِ مان، ڇمڪيو ڇن ڇن،
نه تو سونگي سنڌڙي، نه تو ڏاڍي ڏن!
متن مٿي هٿڙا سدا شهيدن،
آهن اسان سان اڃان، مري جي نه مرن! (وايون، ص٩٣)

پير ڪوڙي رهو پهاڙن تي،
پٿرن حي ڪيرڻ جيان نه پڄو!
رڻ روڪي وڙهو ”اياز“ اڃان،
ڪانئرن جي پڄڻ جيان نه پڄو! (غزل، ص١١٩)

سمجهو ٿا لوڪو!
راهه مرڻو ڪونه آ،
مري وبو بيو ڪو. (ٽه سٽا، ص. ١٢٤)

اکيون پٽيو ڙي!
هيءَ جا باک بسنت جي
آئي جهٽيو ڙي! (ٽه سٽا ص. ١٢٥)

موت نه ڪاڏي مات،
وري سج لڏهولٽهان
راهوڪيءَ تي رات! (ٽه سٽا، ص. ١٣٢)

ڇا توهان ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهيو ٿا؟
لاهور ۽ دليءَ جي رستن تان
رت ڌوپي ڇڪو آهي،
۽ اُها رت وڇڻي آهي
جنهن ۾ ماضيءَ جا آڇا پُشپ
من جي بوترتا وانگر ترڻي پوندا آهن.... (نثري نظم ص١٥٤)

ڏور ستارا ٻوڙها آهن
چنڊ به ٻوڙهو آهي،
يا هو ٻوڙهو ناهي؟

هن ساري سنسار کي ڪوئي
چوڏاري ڪو لوڙهو ناهي
يا ڪو لوڙهو آهي؟

ديپ ٻُجهن ٿا ديپ ٻرن ٿا
ڏاڍو ڏور ڏياٽيون آهن
جي ورسڻ مان مَنش ڏسن ٿا.

وشيهُ جيئن ڪو مندر آهي
ڇا اُن ۾ ڪوئي در آهي؟

سورتيون ۽ سڀ ٻوڇاري
اُن ڪان ٻاهر ڇو نه وڃن ٿا؟

هونءَ وشال لڳي ٿو، ليڪن
گهيرو ڪيڏو سوڙهو آهي! (نظم، ص. ١٨٠)

منهنجا گيت ڪڏهن اي ڌرتي!
ڇو، تو ڪان ڪو مُلهه گهرن ٿا؟

مون ڪان پوءِ اهي اُنَ لڳندا
اِنڊ مان جي چانڊوڪيءَ ۾
ڇڻ ڪي هڏڙا پڪڙيل آهن.

هڏڙا ڪنهن ڪان ڇا ٿا چاهين
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!
ڇا ڪوئي سوچي ٿو! (نظم، ص. ١٨١)

ڪنهن جو خون وهيو ٽوڙيءَ ۾
او ڏاڍا؟
تو ڪي ڪيئي سال مٿي ٽيا
رُوم رُوم مان تنهنجي نڪتا
جيڪي ڪيڙا
سي ٻه مٿيءَ سان مٿي ٿي ويا-
ڪالهه مگر تو ٽوڙيءَ ۾
لڳ ڀڳ ساڳيءَورديءَ ۾
ساڳي هولي ڪيڏي!.... (نظم، ص ٢١٣)

وَنَ ٻه ساڳو واسُ ٻه ساڳو،
مَنَ ٻه ساڳو ماس ٻه ساڳو،

.....................................

هڪبئي سان گڏ ڇو نه جيون ٿا؟
هڪبئي کي سڏُ ڇو نه ڏيون ٿا؟
هڪبئي جو مَنُ ڇو نه ٿيون ٿا؟ (نظم، ص ٢٢٢)

هو سڀ آڌيءَ رات اچن ٿا،
مگرمانَ تي ناچ نچن ٿا.

مگرمان جي ڇٽڙي هيٺان
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
هڪبئي پويان سيڙهيون آهن
تن تي گڏجي هيٺ لهن ٿا،
دودي ٿانئن، پاڳهيءَ ٿانئن-
ڪُنڊ ڪُنڊ ۾ ديپ جلن ٿا،
مگرمان تي ناچ نچن ٿا.

جيڪي ڪالهه انهيءَ ٽرٽيءَ تي
ماريا ويا ها، سي ٻہ اَٿن ٿا،

اياز جي هيءَ شاعري، اياز جي پنهنجي چوائيءَ، هُن جي ”زندگيءَ جي ٻوٽين ٻهر جي شاعري“ آهي. اِنهيءَ ڪري اُن ۾ لائق پڙهندڙن کي ڪتي ڪتي زندگيءَ جي اختصار ۽ اُن جي خاتمي کان پوءِ جي اوڻي جو اظهار به ملندو. جيئن مثلاً صفحي ٦٧ واريءَ وائي ۾:

وِيل اُن ساهي پٽ جي
موت، منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نه آهين:
ماڻ آهن ۾ ڪيئن رهندس
مون ڀُلائي نانهه ڀون!

هو وسي ٿو وڏ ـ ڦڙو
سايون ٿين ٿر ۾ پٿون!

جي اچان موٽي ته مون کي
ڪنهن هرڻ ۾ پاءِ تون!
موت منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نه آهين.
يا، جيئن صفحي ١٧٣ واري نظم ۾:
اچان آجهائل ڏيٺو ناهيان
تون جو اچٺو آهين، آهُ!

تنهنجي ڪارڻ ليئا پاتا
ساري رات جتلي سون در تي،
ڪيڏو ڪارو انڌيارو آ
پنيرڪي تائين سانير تي!

جاڻ پرهه جا پنڇي آڏريا!
تورڙي ٻوٽين آهي ويرا،

منهنجي جوت اڃان ٻه ٻري ٿي
اڄا ٽڪيان ٿو ٽنهنجا پيرا.

اڃان ٻـ ساڳيو ليٿو آهيان،
اڇٿو آهين جـسـي، تون آءً!

يا، ”ٻارو عرش منوّر آهي“ (ص ١٨٤) واري نظم ۾:

....ڇا، هي منهنجو بستر آهي؟
جنهن وٽ ڪوئي روئي ٿو:
چي، ”هي شعر اڌورو آهي،
”ويٺي ڪالهه لکيائين ٿي جو،
”جهونگاري سوچيائين ٿي جو،
”پانيان ٿو اڌورو آهي!“....

يا، جيئن ص، ٢٢٤ تي آيل سندس نظم:

عمر گذري وئي
دک هن ديس جا
اڄ ٻـ ساڳيا هئا
جي هئا مون ڏٺا
سال چاليهه اڳ،
ڪو ٻه ڦيرو نـ آ
ديس جي دانهن ۾!....

١٩٧٦ع کان ١٩٧٩ع تائين، جي وائيس چانسيلريءَ واري دور ۾ ۽، ان دور کان فوراً پوءِ واري ڪجهه عرصي ۾ ٻه، نـ لکڻ سبب، اياز جي شعري آمد ۾ آها رواني نـ رهي هئي، تـ هن فقط نثري نظم ”پتڻ تو پور ڪري“ (١٩٨٢ع) وارا لکيا هئا۔ جيئن گرو ديو ٽئگور پنهنجي آخري دور ۾ ڪجهه ڪتاب نثري نظمن جا لکي، وري پنهنجيءَ منظوم شاعريءَ ڏانهن موٽيو هو، ٽئگور وانگر اياز جي انهن نثري نظمن ۾ آها ڳالهه نـ هئي جا شاعر مان متوقع

سگهجن ٿيسين هن جي پنهنجي قوم ۽ دنيا ۾ ٻئي مظلوم انسان جي نجات ممڪن نہ هئي.

پڇڻ تي اياز مون کي ٻڌايو تہ پاڻ سڄو هي ۽ شعر، جيڪو هن مجموعي ۾ پيش ٿيل آهي، سواءِ اُن جي ٻن ٽِن نظمن جي، مارچ ۽ اپريل ۱۹۸۷ع ۾، روزانہ علي الصبح ٽِئين وڳي کان ڇهين وڳي تائين ڪم ڪندي جوڙيائون؛ ۽ ٻيو ٻئي شعر جو سندن مجموعو، ”ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي“ بہ، انهين آگسٽ سيپٽمبر جي ٻن مهينن جو تخليقيل، وٽن تيار آهي، جو عنقريب شايع ٿيڻ لاءِ ڏنو ويندو.

راتين جو جاڳي، صبح جي پهر ۾ پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جي پابزنجير ۽ ڏکاريءَ زندگيءَ تي انهن ڪرلاٽن جا آثار اسين اياز جي هن تخليق ۾ ڏسي ۽ پڙهي بہ سگهون ٿا:

رڻ-ٻارڻ ٻاري ويا، آڌيءَ آئي جي،
ساري ٿمي تن کي، آيري باک بسنت جي. (بيت، ص. ۱۴)

رات پر ٿنهنجي پڪار
ننڊ کي نيندي رهي،
آ: ٿرڻ ي سرخ ٿسي وٺسي، ايترا آيا بهار!
ڪويلون ڪوڪن پيون، ڪوئي تہ ناهي چپ يار!
ڇو اڃان گلنار ناهن، روءِ ٿنهنجي جا آثار؟
تو ڇڪين چومي جيان، مون کي پراهين پسار يار!
(وايون، ص۵۹)

آئي آڌيءَ رات جو
تو لئہ ٻولن ٻولڙيون
ڀِڪي ڪي ٻرڏيهہ جاءِ
ڦڙا ڦڙا ماڪ جيا
جڏهن ڦُلن جهولڙيون،
تو لئہ ٻولن ٻولڙيون
ڀِڪي ڪي ٻرڏيهہ جاءِ

جن تو لاءِ سگهند جون
ڪيئي ڳليون ڳولڙيون،
تو لءِ ٻولن ٻولڙيون
ٻڪي ڪي پرڏيهه جا.
پنيرڪي جو پڻهءِ مٿان
ريڪون نيٽ رتولڙيون،
تو لءِ ٻولن ٻولڙيون
ٻڪي ڪي پرڏيهه جا. (وايون، ص ٨٦)

باک ڦٽيءَ جو شعر لهن ٿا
مون تـي سج-آماءَ ڪري؛
رت آبڙڪا ڪائي تـو ايئن
ڏينهن تتو جئن تاءُ ڪري!
سارو وقت تہ رهندو ناهين،
وينـدو آنهہ سمـاءَ ڪري!
ڪيسمن ڪوه ڪلان جي ۾
منهنجي ذات هڳاءَ ڪري؟
آءُ تـہ آدرياءُ ڪري ڪو
تنهنجـو آدريـاءُ ڪـري! (نظم، ص۰ ١٧٢)

باک ڦٽيءَ جو روز ٻڌان تو
'وڪٽر جارا' ڪي.
هي جو چاٽيءَ جو راڳي آ
منهنجـي پـاءُ جيـان آ،
آن جي دکياري ڌرتي جهڙ
منهنجي مـاءُ جيان آ..... (نظم، ص۰ ٢١١)

اياز جي شعري فن تـي لکندي، "ڪي جو ٻيجل ٻوليو"
(١٩٧٠ع) جي مهاڳ ۾ مون چيو هو تہ "اياز پنهنجي ادبي تخليق

لاءِ مٿن تاريخ جي عائد ڪيل جدوجهد جي طويل ۽ مشڪل رستي جي ڳالهه به ڪن ٿا: اسان جا محب وطن ۽ عوام دوست اديب ۽ شاعر اڄ اسان لاءِ اهوئي ڪجهه ڪري سگهن ٿا: ۽ اڄ اهوئي فرض ادا ڪرڻ ڪان آنهن کي غافل رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ جاهه ۽ جلال جا صاحب ۽ ملڪ ۽ مال جا مالڪ، هر تن ۽ ڪل جهت مصروف نظر اچن ٿا:—

(١)

ڪاله جڏهن مون وارياسي ۾
ڪاڳيون، ڳجهه گنديرو ڏسي،
سچ جي پاڇي ڏانهن ڏٺو،
سون ونسي ساوڻ هئي
مٺهن ڦيري جيڏانهن ڏٺو.

تيسين تني نهڏانهن ڏٺو
سارو سچ هڏي ويو جيسين،
حسرت سان ڪنهن وقت فلسطين،
جڏهن ياسر عرفات ڏسي،
ڇپ انين پهڪوڙي پنهنجا
سڀارا رتو رت لڳن!

(٢)

گيت به چڻ گوريلا آهن،
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.


جڏهن جڏهن جاڙ وڏي تي جڳ ۾
مو بوليءَ جي آڙ ڇڪن ٿا،
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا
سولي منجهه پهاڙ ڇڪن ٿا؛

ڪيڏي ٻرچي ٽاڙ رکن ٿا
اُنهن آيري لاڙ ڇپن ٿا؛
سانوڻ سنگ وسن ٿا ڏاڍو،
بادل ٿي آڪاڙ ڇپن ٿا.

ڪالهه هيا جي سرخ گلن جئن
اڄڪلهه نيلا پيلا آهن:
گيت ٻه جن گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا. —

حيدرآباد سنڌ.
نومبر ۲۰، ۱۹۸۷ع

— محمد ابراهيم جويو



رڻ ۾ - ٻارڻ ٻاري ويا، آڌيءَ اُٺهي جهي،
ساري ٿي تن کي، آيري ٻاڪ بسنت جي.

آڙيا ڪَنِ اُپاءَ، هيڻان هاڻ جهَلي ڪري،
نيٺ تہ ورندو واءُ، نيٺ تہ ڦرندا ڏينهڙا.

رڻ ۾ ٻہ ٿي ريدار، مٿان تارن ٽِمڪڙا،
ريڙُن ڏارؤن ڏار، شل ڪو آيري ڏينهڙو!

ڏکڻ کان آيا، اُتر تعي اوتون ڪري،
پنهنجا پرايا، ويري منهنجا واهرو.

ڦرندا ڦرندا ڏينهڙا، ساڳيا نہ رهندا،
اڄڻ ٿا ڪَهندا، ڪارا ڪکر ديس تي.

آيا ڪاروني يارَ، ڦري ويا ڏينهڙا،
ڪيڏا باغ بهارَ، توتهي ٿرتيي ديس جي!

'اِجهو مُنڊَ مليير تي، آئي ڪي آئي'،
وائي سَوائي، منهنجيءَ ڏکيءَ ڏات جي.

توکان ملڪ کان سوا، مٿان آءٌ مران!
ڏنو آنءٌ ڏران، ڏايو ويجهو آنهہ تون.

اڄين تو اوٺار، جهُوڙا سپ جهڪن پيا،
تڪي تنهنجا پارَ، ڪاتيم ڪيڏيون راتڙيون!

اينڌين، اينڌين اوڇتو، پيهي اينڌين پاڻ،
ڏکيءَ ڏينڌين ڏانَ، پنهنجو پاند پڪاهہ جو.

٭

ٿي ڪو ڇتو ڇڻ، پير پنا مون پنڌ ۾،
هي جو منهنجو ڪهڻ، اڄ ته ڪجهه اوري ٿئي.

اڇين پيو تون، پرين پنهنجي پار ڏي،
اڳ نه ڏٺو مون، توکي ايڏو ويجهڙو!

اڇا نه آيا، پنهنجا وچن ڏينهڙا،
لايا سجايا، اڇا آهن ذات جا.

واريءَ سندو پنڌڙو، پورو نه ٿيندو؟
ڇا هُو نه ايندو، جنهن آئي مون سڪ ٿئي؟

مٿان تو ميارَ، اڇا منهنجي آ ميان،
پهچين پهچنهارَ، جڏهن مون ڪي پنڌ ۾!

اڇا ٿا چاهين، ڀڙي پيڙائو ٿيون،
اڇا ڪجهه آهن، ساڳيا منهنجا سانيڙو.

گُل ورنيون گجراتيون، ڪراچيءَ جي شامَ؛
هي ٻه ته منهنجا عامَ، توڙي سڀ نه سنڌ جا.

توڙي بولي ٻي اٿن، پنهنجا ئي آهن،
مون جئن ٿا چاهين، سڀ ئي ساڳي سچ ڪي.

هيءَ ساڳي تاريخ آ، سڀ جي شڪاري،
مان ۽ ٻهاري، سينٽي رولا رڃ جا.

اڻيين نه اڇي اوچتو، ٿڏي هيمر ٿرن!
اڇا مونجهه مرن، مارو ڀَل ته مليو ۾؟

ڇا ڇا منهنجي مَنَ ۾، آهي اڄ اڌرات جو،
ٻيون چنڊ چمن ۾، چوڏس چڙهيو لهريون.

ٻاٻيها ٻهارَ، ڪڏهن ويندين ڪيچ ڏي؟
ڇا هنو منهنجا يارَ، اڄا آهن جيئرا؟

ٻاٻيها ٻهارَ، ڪڏهن وسندا مينهڙا؟
ٿر تي لال لِيارَ، ٿيڙي پوندا اوچتو.

وري وَڳهه ڪوٽَ، ڪڏهن وسندا مينهڙا؟
ايندا ڳاڙها گهوٽ، دودا منهنجي ديس جا.

اُيـن اچو آڳمُو، گـوڙَ ڪـري گهمسانَ،
ڪلهه جئن يا ڳُو يانَ، ڳاتا هيا دوهڙا!

ڇيتيل ڇنيءَ جيئن ڪا، روپا ماڙيءَ تي،
ٻيهر شال اچي، آزادي هن ديس ۾!

ڪٿي ڪٿان ڪيترو، پرڻن ٻيراڙيون،
وَستيون آجاڙيون، جن ويندي هين جنوءَ جون!

او شل لهن اوچتو، ڏولاوا ڏيهن،
پرين شل پيهن، ساهه ڪٿون ڪو سک جو.

آئن جهاڀا جهاليوان، او شل ڏسان آنءُ،
ونان تنهنجو نانءُ، گونجن ٻهڻ ٻنبءَ جا.

آمڙ ڏاج رنگائيا، تنهنجي لاءِ ڪنوار،
پوري هانءُ نہ هار، ويجها ڏوليءَ ڏينهڙا!.

اهڙي ڪا گجگوڙ اچ، اوچا ڪڪر ڪر،
جيئهين ڏهي ڏر، ڪرن ڪوٽ ڪنگور جا.

ڇڙي ڇڙي ڇت ۾، مٿان ڪيو ماڪ،
توڙي ڪانئون ڪاڪ، سار اوهان جي ساهه ۾.

آهوئي آهيان، مٿان پاڻيو ڪو پيو،
اڃا تو ناهيان، ڳاهئون ڳاڙهي سيج جون.

ڳتسن ڳل ڦل مورجن، جيسين وسن مينهن،
تيسين ڏکيا ڏينهن، ڪيئن به آهن ڪاٽڻا.

چئجي ڪيئن آلا، ڪڏهن ايندا پارڪو!
سيڻن ننڊ نه آ، ساري رات سمونڊ ۾.

مون هوندي مون وٽني، او شل اگهائين،
او شل موٽائين، مٺا ماڻهو ڏيهه جا!

مٺا مرڪن ٿا پيا، آئيندي جي اوٽ،
هو جي گهڙيءَ گهوٽ، صديون سارينديون گهٽو.

سورج پرج ساڪ، آءُ نه اڄهاڻو ڪڏهن،
منهنجيءَ لوئيءَ لاڪ، سدا ڳاڙهيءَ باک جيئن.

سنهڙي جسا سيڪات تي، ڳنوڻ سا ڪانُوت،
مٿان ڪانئو موت، ساري سنڌ ٻڙاي پئي.

آيا اوهيڙا ڪنڙي، مٿان مون مانسداڻ،
ٻيهر پيليءَ پاڻ، ٻرڪما رُت جا ڏينهڙا.

متان ڇٽو ناهه ڪا، ڳاج متان ڳرنار،
سانوڻ اڄ سنگت ڪئي، ٻيجل ساڻ ٻهار،
چوڏاري چمڪار، آيا ڪينوڻ ڏينهڙا.

وسُ اڃا ڪجهه وسُ، موٽي وڄ نه مينهڙا!
آئي ڳاهه ڦٽي پوي، جتي ڳوندر ڳسُ،
وري ڏاهن ڏسُ، وسي ڪنهن وڏڪار سان.

هي جي شير شهيد ٿيا مري نه جيڪي مات،
تارن تن جي تات، ساري رات سٽاو ۾.

هي جي شير شهيد ٿيا، ڪيسانو موريءَ،
هتا رينتي رت جهي، ڏورانهين ڏوريءَ،
ٽرتيءَ ڪڪوريءَ، سانديا پنهنجي ساهه ۾.

هي جو ريتو رت آ، ڪيسانو موريءَ،
آئي ڪنهن ڪوريءَ، ڳاڙهي آنت ڪيتري!

هي جو رت ابوجهه آ، انهيءَ جا امڪان،
نه ڇاتا نادان، اجها پنهنجي ڪيپ ۾.

سوين ڪتني سٽها ٿيا وارو وڃائي،
ليٽڙيون ٻسائي، راڻول پنهنجي رت ۾.

سير سرچو سائيهه سان، متيءَ سان ماٽو،
ڪونهي تنهن ڪاٽو، اوڇو آهي آپهه ڪان.

ترقي ٿو تاريخ ۾، اڄ نيپوءِ ڪنڌ،
آزاديءَ جو آ اڄ، پر ڪيڏو پنڌ!
هيءَ اُنهن جو هنڌ، مري جهي ماهو ٿيا.

جيسين اُنهن اوچتو، سوڀ ڏئي ساٿين،
مٿان اُٿن پاڻين، ساريءَ موتَ ڦٽي ويا!

تڪ اندر تاريخ جهي، جي تون سمائين،
ستان اُٿن پائين، سارا لاش لُڙهي ويا!

هي جو ڦڙو رتَ جو، وڏي تنهن جي وٽ،
مٿان ڪرين ڪٽ، سوڀ نه آهي سٽري!

سوڀ نه آهي سٽري، مڱهي سگهر ٿوڪ،
لُونءِ لُونءِ واري لوڪ، مرن ٿا اِن ماڳ ۾.

هي جي جهنجها جهڙ ٿيا، مٿيءَ مهڪ آئي،
ڌرتي رتَ رتي، ڦولي لال ليارَ جڻن.

ڪُلها ڪاله ڪنڪوريا، جيئهين ڏاڙهن ڏارَ،
مري مٿهيا يارَ، ويڙها سڀ واسي ويا.

آهن آڌيءَ رات جو، واڪائيون ويرن،
نيڻن مان نيرن، ڳاتيون تن جون ڳالهڙيون.

ڏيڙهو ڪٽڻ تارَ، سيرَ اُنهن جا سوڀ ۾،
مري مٿهيا يارَ، ويڙها سڀ واسي ويا.

سيڪو سوچي سوپ جو، سوئيون هَٽَ نہ سوچ،
وَرُ هيءَ تن جي لوچَ، پلئہ پل جيڪي پوي.

آڏر آڏر ڪونجڙي ڪَرڪي مٿان ڪَڇَ!
اِجهو آرڙي آچَ، لٿي ڪاري ٽُرَ تي.

او شل ڪريِن اوچتو، اکين سان اُپڪارَ،
اڄ تون اڇٺهارَ، تو لٿ تڪيان ڪيترو!

چنڊُ ٻَري ٿو چيٽَ جو، سونَ ڪٽوريءَ جيئن،
اڳ نہ ڏٺو ايئن، سون پنهنجي آدرش کي.

آئر ڪونج نہ ڪُڪندي، پيهر مون ڪان پوءِ،
مون سان ساري لوءِ، وَلر لئہ وايون ڪري.

ڪين منجهہ پچارَ، ڪٿ ڪالهہ ڪيون ڪونجڙيون،
الا ڪنهن کي سارَ، ڪڏهن آئر ڪُڪندو!

چڳڙي سوتين هار جئن، چار ڏسهين چوڌارَ،
سنڌڙيءَ ناهي سارَ، ڪٿي آن جون ڪونجڙيون.

لڙيءَ ۾ ماڻهو لڳا، ڪُنگاٽيل ڪيِرا،
اکيان آڪيرا، منهنجو من موهن لڳا.

ڪَنَ ٽوپائي ڪوڏَ مان، ٻانها اکڙ پيا،
سورهيہ سٿ ويا، اڇڪلهہ ليڪي لوڪَ ۾.

آچُ ڪو آيري اوچتو، ڪارا ڪارونيار!
رڻَ ڏنا ريدارَ، سائي پن لٿ سڪندا.

او ٿل ڊهي ڍوهڻ، ڪائي آگ ٻري ٻهي،
لوھر ڦوڪڻي لوهڻ، رنگ ڪري ڪو ٻٽرو.

ماڳ ڪٿي پنڌلو منزلون، ڪاهيون پيو ڪاهي،
آئي، هٿڙ نہ ساهي، متان رات مٿان پوي!

تون جو سنڌ ياڻي، تون ڪئن مان ڪري وئين!
تو ڪئن لنوائي، ٻڌي ڪوڪ نهي ڪنهن!

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي قطارون ڪونجن،
ڇا ڇا منهنجي مٽن، سارون رات ڪريڙيون!

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي واريءَ وچاٺا،
سون ۾ سماٺا، سڏڪا ڪيئي سانت ۾.

ڪوپا ڪوهستان جا، ڏسان پيو آنءَ،
اڇا تن جو نانءَ، ٻهڻ منجھ پلي پيو.

ايندا ايندا اوچتو، تو لهہ مڙس مٺيار!
سنتڙي تنهنجي سار، هڙئي پٿي هاندو ۾.

ڪٿڙي نہ ڪٿڙڪي، واهڙ وبهڙ اچي وٺي،
ويريءَ تي ڪڙڪي، آفت ڪائي اوچتو.

ڊينگر ڊانئون، ٻوڙيا پنيان مارئيءَ،
جيسين آنڌائون، پيهر منند مليرم.

ايندو اوهيڙا ڪري، ترسو ڪجھ اجان،
لاهيو ميٽ مٿان، آگم منجهان آسرو!

جيسين اُڀري اُڀ ۾، مينهَن ٻڌي ماندان،
تيسين پنهنجو پاڻ، ڏار نه کجو ڏڻ ڪان!

ڪُڻڪيا ڪجهه ته ڪنوات، توڙي ماڳ نه ويجهڙو!
اُنهين وينديءَ وات، پاري هٿي پونءَ تي.

ڦڦڙ ڪن ڦرڙات، توڙي آتر واءُ ۾،
پوءِ به ساڳي وات، پوءِ به ساڳيا پنڌڙا!

مارو ڏارون ڏار، ڪتيءَ ڪڪر اُڀ ۾،
اچن شل پيهار، ماڪڙ وانگر مينهڙا!

اوڏا اڏي نرجهرا، هي جي وينا ڙي،
متان ڪو تن کهي، ڏکي پنهنجي ديس مان!

اِجهو ڏُٻي ڏر، ڪريا ڪوٽ ڪنڌور جا،
ميڻون هاڻ نه ڪر، باقي ٿورا ڏينهڙا.

وري رات پڇي، وري تارن تڪيو،
ڪاڏي ڳنڍ ڇڙي، ڪهي گيت ٽڙي پيا.

وري ٿي وراڻ، گسن گل ڦل موريا،
وري واسيا پاڻ، وايون مهڪيون وات تي.

چڙن تي چمڪار، وچون وريون اُڀ ۾،
اڄ جيڪا وسڪار، متان نه اَن جهي مينهڙا.

اچي ٿو هيڪار، موت نه سيني جي متان،
مٺيءَ ناهه ميار، جي تون جيئهن جڳ ۾ سان.

ڪنهن هيءَ جوڙي جوڙ، ڪنهن هي واءُ ورائيو؟
سڀيئي سڳڙ ٽوڙ، آيون ڪينجهر ڪنڌئين.

ٻانهون وڌيون ٿو ڪرين، سوچين نه ٿو تون،
پيرن هيٺان پون، چار ڏهاڙا ڏاڍ ڪمي.

مٿان تارو آهيءَ مان، ٽيڙڪي چڙهي ٿيان،
مٿان تون ايمان، لاهين پنهنجي لوهه مان!

هُو جي پيالا پُر ڪري، پيئن مُنهن لايو،
سِڄ! ڪَري سعيو، تن تي لتين ڪيئن تون؟

مٿان اچن اوچتو، رمي راتو واهڻ،
اڃان تن جي چاهه، لاهه نه پنهنجي چت مان،

باقي ڪو دم دير، ويندا لڙي لهي ميان،
اڃان ناهه اوير، اڃهو آيا واهرو.

اکين ڪنان اوجهل نه آ، اڃا پنهنجي وات،
لتيو آهه لڙات، توڙي سِڄ نهار ڪنان.

ايندا ايندا سون پرين، گهيري گهر ايندا،
نهوڙي نيندا، ڏمر سارا ڏيهه جا.

اڃان ترسين جنڙي، جي ڪائي ويرا،
ٻُوچا هي پيرا، ٽوڙان پنهنجي ديس ٿان.

الا اٿيين اوچتو، سانجهي ٿي ويئي،
مٿان سون پيئي، رڻ ۾ ڪاري راتڙي.

وڻن سنڌا سورَ تا ڪٿي ننڊبون ڪن!
ساري رات ڏوري، سپنا ساوڻ مينهن جا.

اڄان آهين ڏور، توڙي ڏور بہ ويجهڙو،
متان ويئي سُور، سارَ نہ تنهنجي سُپرين.

اڄان آها سنڌ، اوڏا آڏيون پڪڙا،
آلا اڄان آڌ، ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.

اڄا ساڳيا راتڙيءَ، ڪارا ڪوجها پڙ،
اسان تو آڌر، سڙ تي پورب سوجهرا.

ڇا اُئن سدامي، اڄو پاڻي لُڙ تيو؟
ويندا آڏامي، ڪڏهن ڪارا ڪانئرا.

* 'مينو لڳي آجمير'، سارو جڳ ڪڙو لڳي'،
رتن ڀائي! ڪيئن؟ ڀولي تو حڪمن ڀولڙا.

وسري ويندين ڪونہ، تون، متان اُئن ڀائيهين!
اڄان نہ آئهين، تو لئہ تڪيان ڪيترو؟

ويهو آڌيءَ رات حو، ڪو ڀارڻ ڀاري،
متان آنداري، ڀنڌي وڃن گهونڙا!

* پورب ڪڙوا، پڇم ڪڙوا، ڪڙوا هندستان،
سب جڳ مون ني ڪڙوا لاگهي، مينٺي لڳهي اجمير.
(ڪڇي شاعره رتن ڀائي)

ڪنهو ٿيي جوکو، ڇا، اِن لئه انڪار جو؟
اڇا ٿيي اوکو، تو لئه، جيئڻ پندڙو!

دور ڪناري تي ٻُجون، ونجهه هٿي اٿرانئا،
مون کي او ٻڙانئا، پار ڪٿي هَل پاڻ سان.

سِرَ تي ڪيڏو ڏيِر سان، تون آئي آهين!
ڦسڻ ٿي چاهين، ٻاڇا پوئين سج جا؟

آنئيءَ جو آڪاس ۾، جهومڪ جهنگ مڱ ڪن،
ڪبر اچي ٿي ڇن، جهاڳي ديس وديس کي!

وري شال آئن، دودا منهنجي ديس جا،
جهنڊا شال جهلن، وري وڳهه ڪوٽ تي!

هي جي منهن گهنڊيون، هي جي ڪرتيل ڏندَ،
نيٺ ته ٻجندا بندَ، ٻوڙيندا ڪنهن ٻوڏ جئن.

ٻاتاريَن پچارَ، اڄ نه آهي واءُ ۾،
ڳالهيون ڪن ٿا ڳجهيون، سُس پُس ۾ سانيارَ،
رچي رتنا يارَ، ٻنهه پچائين ماڳ جا.

رڻ - ٻارڻ ٻاري، ويندا رهيا ڪاهڙي،
هائي اَن چاري، آلا ڪونه آجهاڻدا.

هي جي ندورا، ڏولائي جا ڏينهڙا،
باقي ڪي ٿورا، متان هيڻون هارئين!

ڊِنگَرَ ڊانائون، ٻَڙيا اڇي پٽ تي،
اونو گهَرَ ٽڙ جو اُٿيو، پنهنجو لاتائون،
اکيون نه، ڏِٺا آئون، ويڙهيچا اِئن وات تي!

هِن پُڙ سارا سُک ها، هُن پُڙ آزاديءَ،
ڇا ٿيو برباديءَ، چوندي وتي چاهتمان؟

سينو ساهيو ساڪَرِي، ڪارونجهر تي ڪرَ،
وڇوڙي جي وات تي، ڪارونيار ڪَڪر،
آيري آءُ آترَ، مٿان مات ڪري وهين!

ٿرَ ڪي ڀو ڪِٿ هنج جٺ، اهڙو ساڃاهي؟
واءُ لڳو ناهي، اکيون پر ڏسي ڇوليون.

ڪِرڻ چنجي پيهارَ، ڦليليءَ جي ڪپ تي،
هو جي منهنجا يارَ، وري ايندا ويجهڙا!

ٻِٽ ٽي ڪندَ نه لاڙ، ڇا نه رتو رت پيچڙا!
پيهر ڪٿين واڙ، پوکين ڀيو وبسرا!

سورهيه ٿيءُ سڄاڻُ، مرڻ نه آهي ماڙو،
جيئڻ جو آهيجاڻُ، ويڙهوءُ گهرجي ويڙهه ۾.

تنهنجي ڏِرين پوٺان، ڇڄن سارا ويڙُ،
ٻوٽي ڇڏ مون نيڻ، رڪُ ٿيون پنهنجا هٿڙا!!

ڇا ٿي سوچين سانوري، سارِين سنگ ڏسي؟
اکين منجهه ڦرين، پيٺم ڪنهن جو نينهڙو؟

وري تن جا لوڪ ٿي، ٻرن ٿا ٻهرا،
وري وڏيرا، ڏاها ٿيا ڏهرم جا.

اڃان ٻنڌ ٻهاڙ جا، اڃا آيرو واءُ،
ڪنونجن جو ڪرلاءُ، ٿوڙي ساڳو ڏيهه ۾.

* ڊِلا لاهي دادليون، ڀٽيو نه ساهي!
اڃان اونداهي، اڃان ٻاڪ ٻني نه آ.

پڪي پڪڻ موتيا، سج لٿو سر تي،
اڃان تون در تي، ٻئي واٽ نهارئين!

مور نه ماٻان ڇولڙيءَ، ٿوڪي ڏسي آنءُ،
ٻڌي تنهنجو نانءُ، ڪنل وري ڪاڙها ٿيا.

وري جهڙ گهاٽا ٿيا، وڏي ٿي وسڪار،
ٻرن ٿا ٻوتار، ٻٽيون ٻٽيون وانگيان.

باقي ٿوري راتڙي، اي دل دڪ دڪ ڪر!
تيسين ٽڪ ٽڪ ڪر، جيسين سهڙي سوجهرو!

اي دل اڃان ٿورڙو، اڳتي آهي پنڌ،
اڃان جهٽپ نه لاتجانءِ، توکي مون سوڳنڌ!
اڳ ڪان اوچو ڪنڌ، آزاديءَ جي راهه ۾.

اي دل مون سان سات تون، ڇڏ ڏيندينءَ تيسين،
ٻورو ٿيهي جيسين، آزاديءَ جو پيچرو؟

* ٽر ۾ زالون دڪڻ تي ڊِلا لاهي، ساهي ڇنيندون آهن.

واهوندا، وَڻُ ڦوٽَ، اڄهو ڦرڙا ڏينهڙا!
ڪڏهن ڪندينءَ سانوري، مُهراڻي ۾ موٽ؟ *
ڪتي ڪونيٽ اوٽ، ٻُري پوندينءَ ڀاڪرين!

وري ڦوڪ ڦلارَ، ڪانئڙَ ٿيندي ڪانئڙيا، *
وري لَهندا سينهڙا، واريا ڪهي جي سارَ،
اڄهو منهنجا يارَ، پنهيرڪي پيڙا ڪيا.

---

* مُهراڻو = پڇاڙي ۾ مِنيءَ جي زواله ۾ عمرڪوٽ جي ڏکڻ ـ اوله وارو ڀاڱو.

* [illegible] ڪانئڙ عو رهاڪو.

# دیوان

راڄ - گهاٽ تي چنڊ
ٻيٺو سوچي ٿو.

هي ٻيرو اڪاس مٿان آ
آڌيءَ رات، آڪاس!
راڄ - گهاٽ تي چنڊ
ٻيٺو سوچي ٿو.

ٻيڙ ڪرتيءَ جي ايڪائيءَ ۾
هي مانهوءَ جو منڊ!
راڄ - گهاٽ تي چنڊ
ٻيٺو سوچي ٿو.

ڌرتيءَ کهڙو ڏوهه ڪيو آ؟
ڏنڊ ٻه ايڏو ڏنڊ!
راڄ - گهاٽ تي چنڊ
ٻيٺو سوچي ٿو.

چا هيءُ ساڳي ناوَ
چا هيءُ ساڳي نربدا؟

نيري نڀَ ۾ چنڊُ يا
روپ - متيءَ جا گهاوَ؟
چا هيءُ ساڳي نربدا؟

چا هيءُ ساڳو پرينٽو
جنهن ڪي نه پڇتاوَ؟
چا هيءُ ساڳي نربدا؟

جڳت جڳانتر ڪان اهي
اندر منجهه الاوَ!
چا هيءُ ساڳي نربدا؟

من ۾ منهنجي مالوا *
ڪيڏا اڻونءَ لڳاوَ!
چا هيءُ ساڳي نربدا؟

---

* مالوا = جنهن سان روپ متيءَ ۽ باز بهادر جي عشق جو داستان وابسته آهي.

## (ناگپور تي وِمان ۾ هڪ رات)

اڄُ ٻہ ساڳــو آسمانُ، واءُ ۾ آهي وِمانُ ـ *
ناگپور تي راتڙي *

اڄ ٻہ تنهنجي سار سان چڻ، آهہ جهرمر هي جهانُ ـ
ناگپور تــي راتڙي.

آشـنـائـي اوچـتـي، آواڳَـوَنَ جو آستانُ ـ *
ناگپور تــي راتڙي.

شال ٻورو ٿهي اسان جـو، هــي آدورو داستانُ!
ناگپور تــي راتڙي.

---

* وِمـان = ڀارت ۾ هوائي جهاز کي چوندا آهن.
* نـاگـپـور = بمبئيءَ کان دهليءَ ڏانهن ويندي هوائي جهاز کي ناگپور ۾ ترسڻو پوندو آهي.
* آواڳَـوَنَ = نئين جـنـم.

## (گوداوريءَ تي باک)

جر تي ٻيهر جي ڇانوَ ۾،
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

مون سان هنيئڙي جي ڏُون ٻريس، اڳلهي جنم جي لانوَ ۾-
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

ٻيهر ڏٺيون مٿون ڇُلڪنديون، تنهنجي سُريلي نانوَ ۾-
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

هي وَرش سارو آنءَ هان، هتر هتر هُرن ٿيون هانوَ ۾-
گوداوريءَ تي گهاگهريون.

---

وَرش = ڌرتيءَ جو حصو.
گوداوري = ندي، جا ناسڪ جي ڀرسان وهي ٿي.

بيڪس، ڪنهيو — روهڙي.

جڏهن ته اونده ۾ ٻيڙي ٿو
ڪوني ڏيهو — روهڙي.

ٻي وجهي تاريخ ۾
ڪنهن وقت ليڪو — روهڙي.

"پاڻرو جنهن جاءِ آهيو
شال جيڪو" — روهڙي.

جهٽ نه جيئان تو ڀنان، عمر گذاريم ڪيئن!
پانڌيڙا پرڏيهه جا!

نه ڪو ڇنڊ نه، چانورو، لڳون اکيون جيئن،
پانڌيڙا پرڏيهه جا!

تون جي هجين ويجهڙو، هوند نه هڃان هيئن،
پانڌيڙا پرڏيهه جا!

ڪڏهن ايندين سانورا؟ ڪڏهن ايندين؟ ڪيئن؟
پانڌيڙا پرڏيهه جا!

رابيل - رُت، مسايا نڪترُ،
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

ساڪي هوا، مساڪو پترُ،
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

تو رڃءِ مڱندن جو سفر،
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهڙيون.

تون مان نہ، پر آهن امرُ
تنهنجي ڳليءَ جون ڳالهيون.

اڃان ٻه آڏا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

پيرن آهٽ پنڌ ۾
لَڪن پڙاڏا
اڃان ٻه آڏا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

مون سان منهنجي ماڳ ۾
ڏاڏا پڙڏاڏا—
اڃان ٻه آڏا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

ڪنهن جي ڏولي تي اچي؟
لوهه سڄي لاڏا!!
اڃان ٻه آڏا
آهن پنڌ پهاڙ جا.

## 1987

هي سترءِ چاليهه سالَ!
روز ساڳا ڏينهڙا!!

سِجُ اڀري ٿو، اٿن ٿا سوچ ۾ ساڳا سوال–
روز ساڳا ڏينهڙا!!

سِجُ لهي ٿو، مُنهن تي ٿا مَلين ساڳا ملال–
روز ساڳا ڏينهڙا!!

ها فقط سترها لڳن ٿا، اڄ به ترقيءَ جا دلال–
روز ساڳا ڏينهڙا!!

هو وسنتي ويسَ پائي ٿا هلن ڪُوڙا ڪلال–
روز ساڳا ڏينهڙا!!

ڪيترو تو لئه تڪيان؟ هاڻي پلٽي آءُ پالَ!
روز ساڳا ڏينهڙا!!
روز ساڳا ڏينهڙا!!
روز ساڳا ڏينهڙا!!

ڪلڪتو، گانڌي-
ڪوئي سوچي ٿو،

ڪهڙي هيءَ تاريخ جيئي
اونداهي آندي؟
ڪوئي سوچي ٿو،

لاش لڙهن ٿا رت ۾
ڪو ناهي ڪانڌي-
ڪوئي سوچي ٿو،

ڪاش ڪراچيءَ ۾ هجي *
اڄ اهڙو ٻانڌي-
ڪوئي سوچي ٿو،

---

* اپريل 1987ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيل فسادن کان
... ٿي لکي ويئي.

هي جي آيا هيرَ
اهڙا مَڙس مشهور
ڏاڍيءَ ڏر ڏنا ڏيهه ۾

سيڌي آ جين سيڄ ڏي
اوير ڏانهن آهيرَ —
هي جي آيا هير ..................

توڙي پند اڃا پري
توڙي واريءَ ڏيهرَ —
هي جي آيا هير ..................

جن جا پرينءَ پار ڏي
گهڻن نوان ڪي گهيرَ —
هي جا آيا هير ..................

پڙ ۾ آهه پچار، *
گهر - گهگهيريون آئيون.

وڃن پيون واٽ تي، ٻانهن جهلي ٻارَ -
گهر - گهگهيريون آئيون.

ڏڻي ڏنڊين آگريون، ڏنو تن ڏهڪارَ -
گهر - گهگهيريون آئيون.

سهسين سيڄن وانگيان، ويڙهيچن ويچارَ -
گهر - گهگهيريون آئيون.

نه سهي پيرين پيڪڙا، نه سهي ڪوٽ ڪبارَ -
گهر - گهگهيريون آئيون.

---

* هيءَ وائي "سنڌياڻي تحريڪ" کان متاثر ٿي لکي
وئي آهي.

هنوءَ جا ڳنڀيرجهي ڳال،
آءٌ نه سمجهي عام ڪي.

متان ميٺي تسي وڃي، منهنجي مٺيءَ ٿسال!
متان آلي واڳيان، پيڙڪي ڪنهن پونچال!
سدا منهنجي جيءَ هوي، ساڏيو آهي سوال:
”ترتي ڪڏهن ديس جي، ٿيندي لاٿون لال؟“

تتي منجهه فرنگي-
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق نه ڪھڙو!

اي منهنجي تاريخ ڏسان ٿو
انگ نه تنهنجي آنگي-
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق نه ڪھڙو!

چڙ ته صدين کان منهنجي ڌرتي
رنگ لهوءَ جي رنگي!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق نه ڪھڙو!

ڪنڌ آهو ڪورايو ويندو
جنهن ڪي آهه ڪلنگي!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق نه ڪھڙو

ڪائي واهه نه ڪائي واهر
واٽ وسيهر ونگي-
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق نه ڪھڙو!

پنهنجي پٽ ۾ جيئڻ وارا
جنگ ڪري ويا جنگي-
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق نه ڪھڙو!

ڪيڏي وهه لڳي تي واڍي
ڏاهپ جيڪا ڏنگي-
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق نه ڪھڙو!
اڄ ۽ ڪلهه ۾ فرق نه ڪھڙو!
۽ ڪلهه ۾ فرق نه ڪھڙو!

ٿي پري لينن - گراڊ-
ٻتي برسن ٿا پيا.

اولگا جي شاعريءَ ۾ *
اڄ بہ تازي آهہ ياد-
ٻتي برسن ٿا پيا.

اڄ بہ منهنجا ديس تو ۾
جڙ تہ تازي بدنهاد!
ٻتي برسن ٿا پيا.

اي ڏکو! گهٽلندين ڪڏهن تون
آہ اي ياد مُراد-
ٻتي برسن ٿا پيا.

---

* اولگا برگال (Olga Bergolts)
لينن گراڊ جي شاعره، هن جي شاعريءَ جو ڪتاب "لينن گراڊ نوٽ بُڪ" 1942ع ۾ ڇپيو هو، جنهن ۾ هُن جا لينن گراڊ جي گهيراوَ جي بارې ۾ نهايت تلخ نظم شامل آهن.

اڀو سڄ متان
جڻ ڪنهن شعلي جان—
اڃا پنڌ پنو نه آ!

رڱت رسالو شاهه جو
لسيءَ لوڻهي سان—
اڃا پنڌ پنو نه آ!

ٻهرَن لالُ ڦلوڪڙا!
لالُ ليارن ڪان—
اڃا پنڌ پنو نه آ!

پورو ڪنڍي پنڌڙو
مارو، شال مران!
اڃا پنڌ پنو نه آ.

ڏرتي! بس تو سان
ماڻهوءَ ٻول نہ پاڙيا!

آڏيءَ مانجهيءَ گيت تـو ڳايان آءٌ اڃان.

سپني منجهہ رچيي وچهي ماڻهو نيٺ متان!

(ماڻهو سُپنا تو آڏي پنهنجي رت پڻءَ مان)

راڻهي جَرتَر آڏيو ڳـاڙهـو سـج مـتـان!

انت نه اڇلو آنهه
هاڻي پنڌ پري نه آ!

تارن جهرمٽ سان لهي
مون سان نچلو آنهه-

ڪيئين موڪيءَ مڏ ۾
مون سان مچلو آنهه؟

هيل نه ريتو تو لڳين
اڃا به رچلو آنهه؟

انت نه اڇلو آنهه
هاڻي پنڌ پري نه آ!

’تون‘ ني تون آهين
منهنجي ’مون‘ آهين،
او آيل! او سنڌڙي!

منهنجي ساري ذات تون
منهنجي ’مون‘ آهين–
او آيل! او سنڌڙي!

تون ئي منهنجا بيت آن
تون وايون آهين–
او آيل! او سنڌڙي!

اڃا نڪتي ڇو نہ تون
ڪاميءَ ڪون آهين؟
او آيل! او سنڌڙي!

ويريءَ جي والارَ ۾
ڏينهن تہ ڏون آهين!
او آيل! او سنڌڙي!

تون تيرهن سؤ سال
مون کان اڳ ڄاِيو هُئين.
پوءِ بہ ڪو آواز ٿي، هُرِين منهنجي حالَ!
منهنجو ماضي آنهہ تون، منهنجا استقبالَ!
ڌرتيءَ منهنجي ديس جهي، توڙي لکَ دلالَ.
اڄا منهنجي رتّ ۾ تنهنجا خواب خيالَ.

آهه ساڳي پارڪرَ-
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟ *

ايتري آڪڙ ڪَري تون
پيرَ ڌرتيءَ تي نه ڌَرَ!
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

نيٺ مٽيءَ ۾ سمايا
جي به آيا هن نگر-
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

موت تنهنجو منتظر آ
اجنبي! ايڏي نه ڪَرَ!
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟
اڄ ڪٿي آ بيگڙو؟

---

* سلطان محمود بيگڙو، جو گجرات جو حاڪم هو ۽ جنهن سورهين صديءَ ۾ پارڪر تي ڪاهيو هو.

سڱڙا! ڪالهه، ڏٺو هيو، تو جيڪو هيمون،
اڄ ٻه آهي پنڌ ۾.

ٻوٽرا آيا ايترا، ٻيڙي ٽٽي ٻٽون.

سو ٻه تنهنجو ديس ڙا، هي جو منهنجو ’ٻون‘.

آهين سڀ جي ساهه ۾، سندو تون ئي تون!

هيمون ڪلاڻي،
وسري وسراءِ ڪينڪي

آڄ ٻه جهوڪا جيءَ جا، ۽ چاڻي واٽسي.
اڄان چنڊ چڪور جي ساڳي ڪهاڻي.
هُو جا ڏينهن- لاٽ آ، ناهي وساڻي.
ڌرتي پنهنجي ڏانءَ ڌڙيي، ٽيندي ڏيساڻي.

ٿي ويا ناهر ٺنارَ
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

چورَ چوڪيدار آهن
ڪن پيا ڪُوڙي پُڪارَ -
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

جيتَ ڏُنهنجي جيتَ ناهي
هارَ تُنهنجي ناهي هارَ -
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

ديس تنهنجو ديسُ ناهي
سارَ تنهنجي ناهي سارَ -
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

اڄ نہ ڪَرڪي، ٿي هوا ۾
ڪونجڙين جي ڪا قطارَ -
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

ڇا ڏيان توکي مَيار!
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!
تون اڃا سمجهين نہ ٿو!

هاڻي نه پري ناهي
سا مُند اچي وئي آ.

تا ڪَنلُ ٽڙن ڪَپاڙهـا، چانگو نه اچـو ڪاهي!
مومل نه گهڙو مُرڪي، سوڍو به نه ساڃاهي!
آڄُ ڪاڪِ ڦلاري آ، ڪـو پنڌ پيو آهـي.

هاڻي لڪ ڏليون
ڳڙجي چڻ ٽڙڪن پيون.

پيرَ ڏسن ٿا پنڌ ۾
ڳاڙهي ويس ڳليون-
هاڻي لڪ ڏليون
ڳڙجي چڻ ٽڙڪن پيون.

مٿان پاڻين منزلون
پنهنجو پاڻ مليون!
هاڻي لڪ ڏليون
ڳڙجي چڻ ٽڙڪن پيون.

لڙڪ لڙي پيا، وينگسون
ڪولي هانءَ ڪيليون
هاڻي لڪ ڏليون
ڳڙجي چڻ ٽڙڪن پيون.

هي جي ڪيئي ڪـنَّ
ٻـُڌن پيا پاڻ کي.

جن سان گونجيون بستيون
توڙي گونگا ٻـنَ-
ٻـُڌن پيا پاڻ کي.

وڌن پيا واٽ تي
گونجي منجهہ گگن
ٻـُڌن پيا پاڻ کي.

وڇڙي ويئي آگ ڪا
تن جي تَنَّ بدن!
ٻـُڌن پيا پاڻ کي.

ھو مون ڪان ڇا لاءِ ڏڪن ٿا
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

جھُوني؞ وِڻ؞ تي جيئڻ وارا
امرت ڪان ڏاڍو ڇرڪن ٿا۔
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

ھو سڀ موت جا ڪانگي آھن
جيوَن تي ڪيڏو نہ ڇڙن ٿا!
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

ڪيڏا لاش سلاميِ ڏيئي
بندوقن تي آڪيڙجن ٿا!
مون وٽ پيار سوا ٻيو ڇاهي؟

رات پٽ تُنهنجي پڪار
ننڊ ڪي نيندي رهي.
آڌ ڌرتي سُرخ ٿي وئي، ايترا آيا بهار!
ڪوئلُون ڪُوڪن پيون، ڪوئي تہ ناهي چُپ يار!
ڇو اڃا گُلنار ناهن، روح تنهنجي جا انار؟
تو ڇڪين ڇُوهي جيان، مون ڪي ڀراهين پار، يار!

ڌرتيءَ پيٺي ڌُڏري
ڪوٽ سارو ٿو لُڏري
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

ڪيتري ڪاڙهاڻ آ
لوهه ۾ تي جا آڌي—
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

اڄ هلي اوڙاهه ۾
ڪير ڪنديءَ تي ڪڏي!
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

آءُ اي سيلاب آءُ
جو ٻڏي ٿو، پل ٻڏي!
انقلاب ايندو ڪڏهن؟
انقلاب ايندو ڪڏهن؟
انقلاب ايندو ڪڏهن؟

راتِ، نيڪارا ڳڻا *
چنڊ ٻهاڙن مٿان.

ڏيہ مٿان ڪيترا
روز ڪٽمانبو مٿا! *

ٻارَ هيا، ڏيہ جا
سنڌ جڏهن تن سٿا.

شال ٻرن اوڇتو
لونءِ اندر جي لٿا!

راتِ، نيڪارا ڳڻا
چنڊ ٻهاڙن مٿان.

---

*

ماڪُ ڏسي جي مَرڪن ٿا
ڪاش! آنهن سان مان به هجان.

منهنجي جوتِ ته آهي جنون جهي
چَرَ ۾ هُئو سڀ چَرڪن ٿا،
ڪاش! آنهن سان مان به هجان.

جندڙي ٿورو ساٿ ته ڏي، هُو
آجيارو گهَرِ گهَرِ ڪَن ٿا!
ڪاش! آنهن سان مان به هجان.

Commando
Nicaragua

## 1995ع

لکيو لکڻ چڙهن

ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا.

ڏسي وَرديون واتَ تي لُوڪڙ جيئن لڪن،

مي بہ تہ آهن ساتَ سان نَتڻون جين نَڪن،

ڪارونجهر جي ڪورَ تان گوليون ڪڙڪڙ ڪَن،

پوڏيسر جي پونہ تي ڪانئر ٿا ڪنبن،

هي جي اکيون اندريون ڪيڏو ڏور ڏسن!

ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا!
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا!
ڏيهي منهنجي ڏيهہ جا!

سنوسيون سماهو
اجهو آيا گهوڙا.

ڪيٽ ڪميتن تي آئي، لونگيون لٽڪايو،
اجهو آيا گهوڙا.

ڪاري رات رمي وئي سيج ڪٿي آيو،
اجهو آيا گهوڙا.

ڏسي رستا رت سان ستان گهبرايو!
اجهو آيا گهوڙا.

منهنجو تو لئہ ديسڙا لايو سجايو،
اجهو آيا گهوڙا.

آهن بند ڪِواڙَ
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي.

پوءِ ٻه ڪُوءِ ڪَلال جي، تاڙيءَ ته هيءَ تاڙَ!
سارا! ڪوهه ڪپي وڃن، ٻارَ ٻه اهڙي ٻارَ!
منهنجي آجائي ٿيا، جيڪي منهنجي مارَ،
او شل! جيئن، جئوهه سان لاڙي منهنجا لاڙَ.

ٿر ۾ ڇٽڪي آهي
ڪانڪٽھ تي چانڊوڪي.

ساري رات آسوءَ جا بادل
جن تان اٽڪي آهي،
ڪانڪٽھ تي چانڊوڪي.

چوڏس واريءَ تي چانديءَ جيئن
هيءَ جا ڏٽڪي آهي،
ڪانڪٽھ تي چانڊوڪي.

تون جو ڪنڊ تي ڪونه ڪڙيل آن،
هر هر ڪتڪي آهي،
ڪانڪٽھ تي چانڊوڪي.

---

* ڪانڪٽھ = ٿر جو هڪ وڻ، جو ريتائينءَ زمين تي ٿيندو آهي ۽ جنهن ۾ ڳاڙهيرا ڦل ٿيندا آهن.

اوچتو ويندينءَ مِلي
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن. *

ٻاڪُرين پوندينءَ اچي
ڪِيرَ وانگر تون ڪِلي-
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن.

چنڊ ڇيڻان ڀائبي
رات پر ساڳي رهي-
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن.

آهه جڻ آسائتي
گهوٽ جي هرڪا گهڙي-
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن؟
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن؟
سامروٽيءَ ۾ ڪڏهن؟

---

* سامروٽي = ڏيهلي جي اُتر وارو ڀاڱو.

آڄ ته اوچا آڪ
ڏسن ٿا آڪاس کي.

اڄان ڳوليو ٿا پيا
مانڊاڻو ۽ منڪ!
اڄ ته اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس کي.

ڌرتي سڀ ڏونڌاڙجي
جڳ ۾ ايڏا جڪ!
آڄ ته اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس کي.

جهوڙا جهنڊا تي ويا *
لڱوهه کهاڻي جو لڪ!
آڄ ته اوچا آڪ،
ڏسن ٿا آڪاس کي.

---

* جهوڙا = مٽي تي دار، جي مڇو ڪري هڏا ويا هجن.

ڪنڊيون چُڀايو،
مٿان پٿون مينهڙا.

اکيون اکين ۾ وجهي، ڳُجهو ڳالهايو.
ساٿاريو هاٿ سان، ورلهي ورجايو!
آزاديءَ کي ماڳ تان، مٿان موٽايو!

هي اوچو آڪاس
آءُ پٽيندي آيري!

اڃان توکي سُپرين، ساري منهنجو ساسُ،
آءُ پٽيندي آيري.

اڃان مون انتهڪرڻ، تيو نہ آهي ناسُ، *
آءُ پٽيندي آيري.

ساڳو مڙهيءَ ڏوپ آ، ساڳو آهي واسُ،
آءُ پٽيندي آيري.

سانوڻ جئن سرجي پيو، مون ۾ ڪو وشواسُ،
آءُ پٽيندي آيري.

---

* انتهڪرڻ = اندر جو آدميءَ ضمير.

جھُن جھُن گھٽي جاڙ
ٺھُن ٺھُن ويجھي ماڙ،
اجھو وُٺا مينھڙا.

ڪاڙهي ۾ ڪيڏانھن ويا،
سارا ڏَٿَ ڏَراڙ؟
اجھو وُٺا مينھڙا.

تَرَ تي تڏيري هوا
آندي آ آڪاڙ،
اجھو وُٺا مينھڙا.

آيرا وڻ آڪڙي ويا
ڪيئي جھُونا جھاڙ،
اجھو وُٺا مينھڙا.

اڄ بہ آ آڙنگ ۾
تاڙي ساڳي تاڙ،
اجھو وُٺا مينھڙا.

ٻهڪي ٿي ٻڪرال،
مينهن وسن ٿا چيٽ جا،
اُڀرن ٿا آڙنگ ۾ ڪيڏا خواب خيال!
هُيا اُبر آسري مارُو ٿوڙي مال،
آيا اُتر مينهڙا آجُ ته ڀلائي ڀال!

ڪالهه هُيا آڙنگ،
اڄ وسي ٿو وڏ ـ ڦڙو.

ڪيڏو مَنَ کي ڀانئيا
سانوڻ رنگ سُرنگ!
اڄ وسي ٿو وڏ ـ ڦڙو.

مارو سارا موهيا
ڏسي وڄُن وَنگ.
اڄ وسي ٿو وڏ ـ ڦڙو.

ريلهي منجهه لُڙهيي ويا
دنگ ٻه کهڙا دنگ!
اڄ وسي ٿو وڏ ـ ڦڙو.

اڳتي تنهنجي آسري
ننڍي تو تهي ننگ!
اڄ وسي ٿو وڏ ـ ڦڙو.

ڏِوَ ٿيندا ڏِاٿيڙا!
سنگ سُکن ٿا.

ٻاجهريءَ جي ٻاجهہ کني آ
لُنءُ لُنءُ آهي ليٽڙا،
سنگ سُکن ٿا.

تارن وانگر ٽم ٽم ڪن ٿا
ڍير ڍير ۾ ڍيٽڙا،
سنگ سُکن ٿا.

اڄ ٻه ٽن جي سار اچي ٿي
ڏور ويا سانگيئڙا،
سنگ سُکن ٿا.

ايندا ايندا نيٺ ته ايندا
جاڳ اچا ڪجهہ جيئڙا!
سنگ سُکن ٿا.

ڪَنجن تا ڪجڪاتَ،
اچن ٻيون اوڙَڪُون.

اڄان تو لئه، ديسڙا آهي ساڳي واتَ.

متان ماڳَ مُنجهي پَئي، اوچي رڪو لاتَ!

ميڻنهَن، ماندائا ڪيا، اڄ ڪهڙا گهر گهاتَ؟
اچن ٻيون اوڙڪون.

ويهل آن ساهـي پٽيءَ جيي
موتُ، منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نہ آهين.

مان آيٽن ۾ ڪيئن رهندس
مون ڀلائي نانهيءِ ڀئون!

هُو وسي ٿو وڏ ـ ڦٽو
سايون ٿيون ٿر ۾ پٿون!

جي اڃان موٽي تہ مون کي
ڪنهن هرڻ ۾ پاءِ تون.

موت منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نہ آهين.

راڄ - گهاٽ تي چنڊ

مٿان وسي ماڪ،
ڪنوار پٽيندي ڪاهوڙين،
پرهه جو پنهواريون، ڪيسين ڏکن ڍاڪ؟
پوپون لوڙائو چئو، راتين جا رولاڪ!
مٿان اوراڳهي وڃو، ڪڏهن ترين تماڪ!

ڏاريون هٿين نہ ٽوڙ،!
پلي مٽجر موڙ،
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

ڏاڍو، مينهن وسي پيو
ڏاڍو پوڙان پوڙ،
آيا سانوڻ مينهڙا.

لڳهہ جي لالاڻ کي
اُتر، اِئن نہ وڳوڙ،!
آيا سانوڻ مينهڙا.

واڙي رکُ اڄ واڙ ۾
ٻيلا چيڪ نہ ڇوڙ،
آيا سانوڻ ڏينهڙا.

اوڳي اوچي ڪپاٽ،
تو نه سڃاتا سپرين!

جن جي ڀٽيي ٻاهران
ٻڌي ٻوري لاٽ،
تو نه سڃاتا سپرين!

تنهنجي ٻانهن، روڪيا
چوڙين جا ڇڻڪاٽ،
تو نه سڃاتا سپرين!

وٺي ڪان پوءِ وانڍي
ورته تن جي وات،
تو نه سڃاتا سپرين!

ـپ ۽ تو وٽ مـَپ؟

ڪهڙا منهنجا ڏيسڙا!!

چ موڻ ٻيتي ڪانءِ آ تنهنجي لڙڪن لـَپ؟

وانءُ تـوڙي ٻيٽ ها اکـ نـه روڪيا ڏپ.

اڄ ڇو رتو زت ڪيا موڻ پيڪوڙي ڇـَپ؟

ناهي ڪا نَٽِڻي
ڪَڙُوتا منهنجي مَنَ ۾.
هيءَ جا هاڙهي ڏي هلي، ماڳُ نہ آ مَٽِڻي.
پير،ين پائي گهنگهرو، جاتَ نہ آ جَٽِڻي.
ساهَسُ ڪوئي ساهہَ ڪي، راتِ، تہ آ ڪَٽِڻي!

ڏيندي وڄ وڪڙ
گهوري ڪارا ڪڪڙ،
مون سان جي ڪاوڙ ڪندين،

چوندءِ، "هي ڇا تو ڪرڻ"؟
جهلهي جهونا ٻڪڙ ـ

واريءَ وڃيون ٿهليون
هي سڀ ڪنهن جا وڪڙ؟

ڏنيون هڙيون وانٺيون
ڪهڙي ڪڪڙ آڏوڪڙ؟

تنهنجي ڌرتيءَ تي گهڻا
مون جهڙا پيا سير ڏڪڙ؟

مون ٻڌن تارا آپ ۾
گيڙو! هيا ڪڪڙ؛

ٻوءِ ٻه مان ٻانهون ٻڌان
مون ۾ نانهه آڪڙ!

ڏوڙي ڏوڙي پيهن،
ڀڄي پٽ تي ويهن!
پيهر اينده ڪينڪي.

ڏولاوا ۽ ڏاڪڙا
جن لئه سارو ڏيهه—
پيهر اينده ڪينڪي.

عي جهڙي جوڙٿهار جهڙي،
راڳي ڏڙين ريهه—
پيهر اينده ڪينڪي.

جهونگاريندو واڙيون
سدا جين ساٿيهه—
پيهر اينده ڪينڪي.

هي جو گيت اڌورو آهي
ٻوڙين وقت ڇپڻ تي.

ڪنهن ٻه ته ان کي ڳاتو ناهي
هي جو گيت سمورو آهي؛

بر کا جهڙا گيت ڏنا مون
توڙي جيءَ ته ڪوڙو آهي!

گهر گهر تي چانڊوڪي ڇانئجي
چنڊ گهٽيءَ ۾ ڀوڙ آهي؛

آءٌ پوان ٿو ليٽي يارو!
سيرانديءَ تنبورو آهي.

ڏرني، مون سان وڙّ

تون ڇا ڪندينءَ جيڏڙي؟

ڪيڙي ڪسان ٻو سانپيا، تو سڀ جهونا ٻڙّ!

جُڳن تائين ٿي وڃي، جيڏا، منهنجي جڙّ!

ڪيئي ڳؤنج ڦلاربا، پڇاڻسان ٻَت - جهڙّ.

اُتي آڌيءَ رات جو
تولهه ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهه جا.

ڦرڙا ڦرڙا ماڪ جا
جڏهن ڦلن جهولڙيون،
تولهه ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهه جا.

جن تو لاءِ سڳنڌ جون
ڪيئي ڳيليون ڳولڙيون،
تولهه ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏهه جا.

پنيرڪي جو پڻءِ متان
ريکون نيٺ رتولڙيون،
تولهه ٻولن ٻولڙيون
پکي ڪي پرڏيهه جا.

ڪيسين لڪ لڪي
سُونهن پَريان ٿي پڌري.

جهونجهڪڙي جي جهان ۾
ٻهراڙي ٻهڪي—
سُونهن پريان ٿي پڌري.

نينگر نيوڙي ڪوهه تي
تارن ڏول ڇڪي—
سُونهن پريان ٿي پڌري.

پرهه ٿي پارون اچي،
ڪيسين رات ٽِڪي!
سُونهن پريان ٿي پڌري.

جي تنهن ڪاڻي وٽ،
سُپيريان جي سٿ،
مُنڊ پريان ٿي ٻڌري۔

چمڪي چوڏنهن چنڊ جان،
نيهي هُن جي نٿ،
مُنڊ پريان ٿي ٻڌري۔

هيءَ جا بوءِ بهار جي
کهڙي تنهن جي ڪٿ!
مُنڊ پريان ٿي ٻڌري۔

اهڙو ڪو آواز آڄ،
ڪونهي ڪيمنر پٽ،
مُنڊ پريان ٿي ٻڌري۔

وڻن پيا واٽ تي سُورج مُکيءَ ڪيتَ،
اڃان جيئَڻ ڏينهڙا.

اڃان رومِي رتَ جي، اڃان ساڳيا بيتَ،
اڃان جيئَڻ ڏينهڙا!

اڃان وايون ڪيتريون منهنجي چيتَ آچيتَ،
اڃان جيئَڻ ڏينهڙا.

اڃان ٿورو دير سان ڪارا ڪِرڻ ڪُميتَ!
اڃان جيئَڻ ڏينهڙا.

پيو مينهن وسهي
آيا ساوڻ ڏينهڙا.

نہ سهي گوريون گهاٽ تي، گڏهي گيت نہ سهي،
آيا ساوڻ ڏينهڙا.

* رَويءَ اکيون جهانوريون ڪَڪريون کونہ پسهي،
آيا ساوڻ ڏينهڙا.

گنگا جي گجگات ۾ ڪيسين ناوَڪَسهي!
آيا ساوڻ ڏينهڙا.

اڳتي ڪارونيار ۾ چاهي؟ ڪيرُ ڏسهي!
آيا ساوڻ ڏينهڙا.

---

* سويي گيانچندائي جي روايت آهي تہ جڏهن هو شانتينڪيتن ۾ پڙهندو هو تڏهن ٽئگور پوڙهو ٿي چڪو هو ۽ آڪاس ۾ ڪڪر نہ ڏسي سگهندو هو.

برکا رُت، اڏارت، ڇڄهري،
ڀاڻي ڀُڇِڙَ تـارن جئن.

منهنجي من ۾ ڪيئي سارون
ساوڻ جي وسڪارن جئن.

دور دور تي بادل آهن
ورهين - وڇڙيل يارن جئن.

هر هر من ۾ گيت دُکن ٿا
آڌيءَ جي انگارن جئن.

•

منهنجي سيني تي اجان
تنهنجو ساهه ڪچي پيو!
تنهنجي سارَ - سراه جو پيرو ڪيئن پيان!
تو لئه ٻيو ڪنهن شهر ۾ چاجهي لاءِ وڃان؟
ڇا تون مون کان دور آن؟ اهو ڪيئن مڃان!

باِدل ٿا برسَنِ،
جيڏا وري جهوڪ ۾ تي.
شاهه عنايت آءٌ مان، ڇيڪي ٿو ڇَن ڇَنِ،
نه تــو سونگيءَ سنڌڙي، نــہ تــو ڏاڍيءَ ڏَنِ!
مــتَــن مــتــهــي هــتڙا سدا شــهــيدنِ،
آهــن اسان سان اجــان مري جــي نــہ مَرنِ!

تو کيئن ساريان
سڄڻ ٺڏي ساهہ سان!

اڇو آهين اوچتو، تو کي کيئن واريان!
ڪويل وانگر ڪيترو، تو لئہ پڪاريان؟
اجهو اولاهہ ۾ لٿو، ڪيئن نهاريان؟
ڪانئي ڏِڪ تہ ڏي ڪڏهن، هاڻ نہ جڻ هاريان!

ڪهڙي ڪرڻگهل
توکي هڻي سُرهو ڪيو؟
ڪنهن توکي آڳ آڇيا، هڙا ڳاڙها گل!
مون کي ڏڻنه جيڏڙي، مڃل به ڪهڙا مڃل!
آءُ ته سارو سانت هان، تو وٽ هيڏا هَل!

اونهاري جون راتڙيون، ننڊ نه اچي ٿي.

گرم هوا جي گود ۾ واڙي پڄهي ٿي،
ننڊ نه اچي ٿي.

ڪائي روُپا نيرت سان سامهون نچي ٿي،
ننڊ نه اچي ٿي.

جڻ ڪائي ڪوُنا وري رت ۾ رچي ٿي!
ننڊ نه اچي ٿي!

اهڙي اگ - ڳهٽي
کهڙيءَ ڪڙوتا کي هئي؟

ڪنهن هٿن دانهن ٻڌي هئي
دُکي ڌرتيءَ جي؟

ڇا اگ ڏيهہ ڏٺا هيا
ڏاهپ هٿن ڏُمري؟

من - پيڙا جي ٻولڙي
ڪنهن هٿن ڪرلائي؟

آنيَوءَ جو پَنُ پَنُ،
ساڳي ساوڪ ساهه ۾ -
برکا رت جهي باک جئن آئينءَ منهنجي مَنُ،
جيڏِي! منهنجي جيئڙي وارِي واڳَ وطنُ،
مون سان گڏجي ويهه اڄ، سانوڻ سنگهاتَنُ!

سمنڊ جئن گرجا جا گهنڊ
ڪڻن نه لهرين تي وڄن ٽا!

راتڙي تارن پريءَ ۾ ڪاٻه مون کي ناهه ننڊ!
سمنڊ جئن گرجا جا گهنڊ
ڪڻن نه لهرين تي وڄن ٽا!

چؤطرف آ شور ڇا جو؟ ڏس ته ڪنهن کي آهه ننڊ؟
سمنڊ جئن گرجا جا گهنڊ
ڪڻن نه لهرين تي وڄن ٽا!

جڳ سارو جاڳ آهي، جاڳ کي ساڃاهه ننڊ!
سمنڊ جئن گرجا جا گهنڊ
ڪڻن نه ڇولين تي وڄن ٽا!

ڪيترا ڏيئا ٻرن ٿا، رات آئي،
رات آئي.

آءُ منهنجي هنج ۾ منهنجي سُهائي!
رات آئي.

چنڊ وانگر هيءَ تنهنجي ويجهڙائي!
رات آئي.

وير جڻ اُڀري اسان تي ننڊ ڇانئي،
رات آئي.

سمنڊ ۾ ڪيڏي نه سندرتا سمائي!
رات آئي.

نوري! مهاڻا

سارا تنهنجي چار ٻه:

اُئين رهه آزاد جيئن پکي آڏاڻا!

ڇو تون ڇڏين جام لَئه ماگر جا ماڻا؟

چَري، ڪينجهر ڪندئين ٻرا نه ياڻا!

هي جو منهنجو ماسُ،
هي جو منهنجو ساسُ،
ڪلا ڪارڻُ ڪيترا!

اڃا ڪاڻيي آروشي، گهوليي ڪاليداسُ،
ڪلا ڪارڻُ ڪيترا!

چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جهي، آڏيءَ جو آڪاسُ،
ڪلا ڪارڻُ ڪيترا!

ڏينهن تني جا ڏاڪڙا واريءَ منجهه وِماسُ، *
ڪلا ڪارڻُ ڪيترا.

سڀڪجهه مون سان ساٿ ۾ آ، ڪجهه بہ تہ ناهي ناسُ!
ڪلا ڪارڻُ ڪيترا!

* وِماسُ = انتظار، تڪليف

ٻوٽين وڻن اڃي وئي آهي، ها پر مان نه مڃان-
مان نه مڃان، او مان نه مڃان، او مان نه مڃان!
گيت ڳلهي ۾ آهن ڪيئي سانوڻ سنگ اڃان؛
جيسين ڪڙڪڙ ڪانَ وڃن ٿا پنهنجي سينگ سڃان؛
روشنيون تي رمجهم برسان، سارا پول پڃان؛
آنت آهو انڌيارو آهي جنهن ۾ نيٺ وڃان-
مان نه مڃان، او مان نه مڃان، او مان نه مڃان.

وڻـي ڙي وڻـي

ڏنگي وچ ۾ درياهه.

وڻـي وڻـي اوچتو جـر جهـونـو نيڻـي-
ڏنگي وچ ۾ درياهه ۾.

آيون آهون ڪنَ پيون ڪنڌيءَ تي ڪيڻـي-
ڏنگي وچ ۾ درياهه ۾.

پهتيون پريـنءَ پـار ڏي اڪـيـون اڳيـڻـي-
ڏنگي وچ ۾ درياهه ۾.

ڪيترو تو ۾ اُهاءُ!
ڪيترو تو ۾ هڙٻاءُ!
چئو ته ڪوئي ڪيت آهين سؤنف جو!

پيار[4]! تنهنجي سارَ ۾
مون کي نه آهي رُڪ رڪاءُ.

پيار جي خوشبو لڪي ڪيئن
تو آڏامي چئو ته واءُ!

تون جتي آن[8] سُونهن آهي،
اي پرين تنهنجو سماءُ ـ
چئو ته ڪوئي ڪيت آهي سؤنف جو!

تون جڏهن گذرين ته واڙيون
سڀ سڳنڌون تي ويون.

ڦهلجي ويو واس تنهنجو جڏ ته پرڏيهي پرين!
ڍنڍ تي آڏريون ته آڙيون-
سڀ سڳنڌون تي ويون.

تون ملهين سڀ جڳ مليو منهنجا ڳلن جهڙا سڄڻ!
بند ۾ ساريون بهاڙيون-
سڀ سڳنڌون تي ويون.

پيار جي منڌ ۾ گهڙيون ويندي امرتا کي رسيون،
زندگانيءَ کي لتاڙيون-
سڀ سڳنڌون تي ويون.

ياد اچين ٿي تون
ڪجهه ٻه ٽه نه ٿو آئڙي!

پاڻ ڪٿي وڃڻ، پاڻ سان
مون سان منهنجي 'مون'—
ڪجهه ٻه ٽه نه ٿو آئڙي!

جڻ ڪنهن گهاٽي مٽڏ جان
مون ۾ آهين تون!
ڪجهه ٻه ٽه نه ٿو آئڙي.

سڄي لٿي جو ڳالهڙيون
منهنجي تنهنجون—
ڪجهه ٻه ٽه نه ٿو آئڙي!

جڻ ڪا جانجهه وڃي پئي،
ڇڏئي آهي پون!
ڪجهه ٻه ٽه نه ٿو آئڙي!
ڪجهه ٻه ٽه نه ٿو آئڙي!

ميگهه - دوت* تنهنجو
نياپو چو نه ڏنو آ؟

اونداهيءَ آڪاس مان
وڏڦڙي واڪو!

ميگهه - دوت تنهنجو
نياپو چو نه ڏنو آ؟

وڄ وراڪا ٿي ويا،
وسڪارو ڪيڏو!
ميگهه - دوت تنهنجو
نياپو چو نه ڏنو آ؟

تنهنجي مَنڊ اهي وئي
ها، پر ساجن چو
ميگهه - دوت تنهنجو
نياپو چو نه ڏنو آ!
نياپو چو نه ڏنو آ!

---

* ميگهه دوت = مينهن جو نياپو آڻيندڙ، ڪالي داس جي نظم جو سرو.

تنهنجيي ڪَنجهڙي جهَن پريہ *
ڪيلَ ڀِٽَني گونجڙي،
توکي ساريان ٿو.

هي مَتَماتا نيڻ جڻ
ڪيهڙ پيو چِٽاڪي!
توکني ساريان ٿو.

منهنجو ڪنڌ اڃا بہ آ
تنهنجي ڪُلهڙي تي،
توکي ساريان ٿو.

توڙي ويجهي ڪانہ آن
ناهيين پو بہ پري!
توکي ساريان ٿو.

* پريہ = پرينءَ

چنڊ جا پاڇي نہ ڦيري،
ننڊ چورائي ڀئو!

واءُ ۾ ڪوئي ٻڪي آ
لاٽ جنهن جي آ آويڙي-
چنڊ جا پاڇي نہ ڦيري،
ننڊ چورائي ڀئو!

آيءَ تي ايڏي آچاڏِي
ننڊڙيءَ جي آهہ ويري-
چنڊ جو پاڇي نہ ڦيري،
ننڊ چورائي ڀئو!

تو ٻنان ويئي آجائي
عمر گهنگهر ۾ گهيري-
چنڊ جا پاڇي نہ ڦيري،
ننڊ چورائي ڀئو!

ڪيئن چئون ڪنهن وقت ٿيندا
ڪوڙ جا هي ڪوٽ ڍيري!
چنڊ جا پاڇي نہ ڦيري،
ننڊ چورائي ڀئو•

# گیت و غزل

هيڪلڙو، مَن هيڪلڙو

وڻ ۾ پَنَ ته ڪيئي آهن
پوءِ به پَن پَن هيڪلڙو

دور ڪَڏهن تان پنڇيءَ وانگر
هيٺ ڏسي ٻَن هيڪلڙو

لهرون، لُڙ، درياهه گهڻيئي
تار تري تَن هيڪلڙو

ڪنهن کي آڇي، ڪنهن سان ورچي
مَنُ آتم - ڏنُ هيڪلڙو!

ايڏي چُپ ۽ اپار
چڱي تہ ناهي يار!

جي تو وٽ ڪوئي گيت نہ آ
ڪا جيءَ منجهان جهونڪار،

ايڏي چُپ ۽ چڱي تہ نہ آهي!
پَنجهَن، ڪا پٽڪار!

زنجيرن لئہ زور نہ آهہ جي
ڪا جهيڻي جهٽڪار!

ڪاري رات ابد تائين آ،
اوندهہ تارون تار.

پوءِ بہ ٿئي ڪا جيءَ جهروڪا
لُڙءِ لُڙءِ منجهہ لغار!

پوءِ بہ ڏئي ڪا واءُ وراڪا
ڪونجڙين ڪُڪار!

چڱي تہ ناهي يار
ايڏي چُپ ۽ اپار!

ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

امرت رَس ڇلڪاءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

سيجَ تپي ڏي، ان ڪان اڳ ۾
رَنگن نوان برساءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

ٻوٻان پلءِ پڪارون آهن
تن ڪي ٽون نہ لنواءِ ٻانورا
ڳاءِ وري ڪجهه ڳاءِ!

ڏکڻ مينهن پلي وسي، ٻوڙي نہ ٻوڙي

ها، ها پل ٻوڙي
پائو، پل ٻوڙي!

اُبري سج اُڀي ويا، ڪيئن ڪو لوڙي؟
ڪيئن ڪو لوڙي؟
پائو، ڪو لوڙي؟

راهہ ملي ڪا رَڃ مان، ڪيئن ڪو ٻوڙي!
ڪيئن ڪو ٻوڙي؟
پائو، ڪو ٻوڙي؟

زنجيرن زندان جون ٽوڙي ڪو ٽوڙي!
ها، ها پل ٽوڙي
پائو، پل ٽوڙي!

ڏکڻ مينهن پلي وسي، ٻوڙي نہ ٻوڙي.

---

* ڏکڻ مينهن نہ وسئا وسي نہ ٻوڙي.
(هڪ چوڻي)

موت کي مات ڏني آهي ڪنهن
چاتر گياني سوچي -

انت ته ساڳو آهي، ڪهڙي
آنا ڪاني؟ سوچي -

نهر اٿي ٿي، لهر ته آهي
آني جاني! سوچي -

پر هيءَ ڪوُتا مرٽي ناهي
ڪا مَن - ماني سوچي -

چاتر گياني سوچي ........

## غزل

سانوريون نينگريون پنڌ ۾ ٿڪ لڏن،
جيئن ۾ جڻ پيا انب جا وڻ لڏن.

دور ريهاريون جڻ وڻن ٿاريون،
وائڙي ۾ پيا ڪيترا ڏڻ لڏن!

ڇا اُتر جي تپت تو وساري ڇڏي؟
روز جهولا لڳن انب جا وڻ لڏن!

پيار تنهنجو پرين ايترو ويجهڙو!
دل دَهڪِجي وڃي ڪئن نه ڏانوڻ لڏن!

هيءُ به آ شاعري جنهن سَرهُ ڪانه آ،
روز بادل وسن روز سانوڻ لڏن!

## غزل

پاڻ کان ڪنهن هرڻ جيان نہ ڀڄو
رڻ ۾ رهڻو آ وڻ جيان نہ ڀڄو

سِڪ ۽ چِڪ ۾ رهي وڃو
ٻار جي مُنهن ڏي ٽڙ جيان نہ ڀڄو


آسمانن ۾ شور ٿي گهاريو
وِڄ وانگر وَسق جيان نہ ڀڄو

نہ ڏٺي آ نہ ڪو ڏنار آهي
مينهن جهي ڏينهن ڏڻ جيان نہ ڀڄو

ساٿيو! ڳوڙهاريءَ ڌرتيءَ تي
وقت کان اڳ ڇِڙِڪ جيان نہ ڀڄو

پيرُ ڪوڙي رهو پهاڙن تي
پٿرن جي ڪِرڻ جيان نہ ڀڄو

رَتَ روڪي وڙهو 'اياز' اڄان
ڪاٺئرن جي ڀڄڻ جيان نہ ڀڄو



هاڻ ته سيڪجهه ٿو ٻَري،
رات پتنگا مون ڏٺا
ٻارَڻ کان اوري ٻَري.

—

ترس ميان ڪپڙا مَتِ پون!
موت ته ٻيو ڪجهه ڪونه آ
بس، ٿوري ساهي پٽيون.

—

ڇا نه ڪبير جي واڻي!
”رام ڪرشن مرندو ڏٺو،
چارئي ويدُ ڪَهاڻي.“

—

واه ڪبير جي واڻي!
”مالا ڪاٺُ ته ٺاڪُر ڍِڪرُ،
تيرٿ ٽِڪُو پاڻِي“

—

مينهن ڪيو آ ماڳ،
روهي آڏي يار فريدا
هاڻ ته ننڊان جاڳ!

—

ڏور نہ ٿنهنجيي ڏِڪ!
توکان اڳتي آھ ڇا
تون بہ تہ هڪڙي وِڪ!

—

گيت نہ پرکيندو پول!
ڪرشن چڪر جڻ ويا
جن جا سارا ٻول.

—

سمجهو ٿا لوڪو!
راهُو مرڻو ڪونہ آ، *
مري ويو ٻيو ڪو.

—

ماروءَ ڏنا ويڻ!
جن سان ڪِرڻ ڪڪوريا
ڪنهن سي ڏنا نيڻ!

—

جنگ ٿيي ويا ٻيلهي،
هاڻ تہ آرتيون ڇوليون
آيون مٿي تهي!

—

* راهو، شهيد فاضل راهو
”ميان بُليا، اسان مرڻا ناهين، مرگيا ڪوئي هور“
(بلهي شاھ)

وهوا وڻن آننت جو!
واچوڙو وڏراهه
آهي چڻ ته بسنت جو!

---

ٻاڻيءَ تي ڦوٽو
ڪيئن چوان ڪيڏانهن ويو؟
باقي هي فوٽو!

---

هونئن ته هي ڍاٻل،
تو ڪي ڏسي پو ٻه چڻ
اکيون ٻڪاٻل!

---

ڪيسين نچي مور؟
پيهر آيون چو ڏهي
گهٽائون گهنگهور!

---

اکيون ڀٽيو ڙي!
هيءَ جا باک بسنت جي
آئي جهٽيو ڙي!

---

اکيون کوليو ڙي!
ھي جي وڻ ٽڻ موريا
تن سان ٻوليو ڙي!

—

ھي جڳ مڳ جيوَنَ ـ
ڇا ڇا ھن سنسار جو
سھسين رنگ سُپنَ!

—

متان آئين مَنَ،
ھي جو پَنُ سُڪي ڪريو ـ
سھسين ساوا ٿِنَ!

—

ھيءَ ڪنھن جي آ تاتِ؟
جيءَ جھروڪي مان ٽِڙي اچي
پيئي ڪائي لاتِ!

—

ڪنھن ھي ڪالھ چيو
”ڦول نہ ڦُٽو ٽار تي
منھنجي پاندِ پيو!“

—

اهڙو اونهارو!
چنڊ مٿانهون مونجهه ۾-
پاڻيءَ جو وارو.

—

روڄهڙيون پهڙيون-
سڄ لهي ٿو سانت ۾
سامهون گهيدوڙيون.

—

اڄ به سانجهه ۾!]
ڳاڙها ڪنول ڦلاريا
روهيڙاءِ گهر ۾!

—

وسي پيو ٿرُ-
جيهلا ڇپن تا پيا
ڪُونيتَ، ڪارونجهرُ!

—

ڪيڏن وساريان؟ ڪيڏن؟
چاريڻ پيرُون مٿڙا
ڪنهن جي ڇميڻ جيڏن!

—

تنهنجو ڪهڙو سنگُ!
"لڳو لاهوتين سان
روحَلُ! تنهنجو رنگُ؟"

—

ڇوُ تون ڪهڙي پُون؟
منهنجون ٻڪن اکيون،
ڪٿي آهين توُن؟

—

مان جنهن ٿوليءَ ۾،
تنهن وٽ ڳاڙهي سچ ۾ جون
ڳاهون ٻوليءَ ۾.

—

آيو، آيو ڍولُ،
سونُ - سريکو سپرين
جنهن جو تولُ نه مولُ!

—

سورج نديءَ تي
رَوِي! تو ڇا ٿو ڏسين؟
دونهون هگليءَ تي! *

—

* هگلي = ندي جا ڪلڪتي مان وهندي آهي.

ڪيڏو سانت - سنّاٽو!
سُنَ ۾ وسهي ٿي روهہ تي،
ڪونجن جو ڪُرلاٽ -

—

هي سڀ جنڊي ڳالهہ،
ڪُهاڙيا، ڪوڏاريا،
گوڏر وڏي ڳالهہ!

اڃا آهين باندر!
ساڳيو ڪنسو ڪَرَمَ ۾
ساڳي ڏوري ڏاندر!

—

ٻيهون، نہ ٻيهون؟
لهڙا لس ۾ وڃن پيا
ڪيچ - ڏٿيءَ ڪيهون!

—

چڙن جي چُرَ چُرَ -
ڪنڊيون چڙيا چهلڙا!
مٺي ڪلهي ڪُرَ.

—

وَريا ڇو نه وَلَڙ؟
ننڊ نه آئي رات پَر
ڪَنَ پَٽِي ڪُوڪَرَ

—

هي ڇا تو چاهيان؟
ڏنل ڏاڏاڻن جي
لوئي ڪيئن لاهيان!

—

مٿان ڪجھ واري،
ٽَرن ۾ ٽِڪِجي پوان
پَهون پيئاري!

—

هائي تن جي سارَ —
جن موتين کي مُلھ ڏنو
وَيا سي وڻجهارَ.

—

آرهي ڪنت - ڪَلا!
وري مينهن پون پيا
گونجن اڄ نه گَلا!

—

ماڙيُن تي ماڻا—
ڪينجهر، تنهنجي ڪنڌين
ڇوليُن ۾ ڇاڻا!

—

مُنڌُون منڌيڙن—
ولوڙڻ جي ويرَ جڳ
ٻنگيو ٻاڻ هٿن!

—

ڇڪ منجهان ڇاڙهو؟
ڪنهن ڇاتو آهي ڪڏهن
هاڙهو تي ڳاڙهو!

—

آءٌ اوهان سان ڇو نه؟
ميندي ناٿه، ملير جي
ٻي مان لايان ڪونه.

—

ٻرُ ڪان ٻاڻُ نه ٻلر!
سانئي وڻ جي ڇانوَ ۾
گهوڙو گهوٽ نه جهلر!

—

سنڌوءَ جو پاڻي—
بيڪس، ريشم - پٽ جڻ
جڻ هيءَ وايائي!

—

وَلر ويو ڪنهن ڏاران؟
هي ڪنهن جو ڪُرلاءَ اچي ٿو
وڇڙي ڪونج قطاران؟

—

موت نه ڪاڏي مات،
وري سوجهه لُنهو لُنهان
راهوڪيءَ تي رات!

—

اڳتي تي سوچي،
آءٌ ڏسان ڇا لاءِ ٿو
جيوتي باسوءَ ڏي؟

—

ڪنهن ڪي ٿيي گهولي؟
پيئي آتر واءُ ۾
سار سڙي ٻولي.

—

پِهِر پيلا ڳُلَ ـ
كاريون ڪڪريون چانوَ ۾
هيٺِ هُلاچا هُلَ۔

—

چانڊوڪيءَ ۾ چارا ـ
ٻانهن ٻانهن ۾، اڄ ۾ آهن
ڏُهنجي سَنگِ پسارا۔

—

ساوَڻ جو جادوُ ـ
اڄا تائين پِرتَ جي
ڪِرِڻَ ۾ خوشبو!

—

اوڏيي آڌَن تي،
چڱ چوڏس جو چنڊ آ
تن جي پِڻَن تي!

—

هيءَ ڪولهيءَ ڪهڙي؟
روهيءَ واري ميهنن جي
چانڊوڪيءَ جهڙي!

—

ٽڪا ويا ٽوڙا،
ڏٺي ساري سنسار کي
لڙيءَ ۾ لوڏا.

—

ڏٺڻ نه لوڙها—
ڪنڌيءَ جي آڪاس ۾
ڪڪر به ٻوڙها!

—

ٻاٻل ماڻيندين؟
روهيڙي جا گلڙا!
اڄ به آڻيندين؟

—

ڇونرا ڇمڪن ٿا،
مون کي ريٽي رات جو
ڏهه ڏهه ڏمڪن ٿا.

—

ڪيڏا ڏهرن ۾،
ڇتڙا چنگ وڄن پيا!
واريءَ لهرن ۾!

—

هي جو روهيڙو،
اهڙو ڪوئي ڏيهه ۾
آهي ڏوهيڙو؟

—

مٿان سنڌ چنڊ،
هيٺان تڏي تي اُمڙ
اڃان پنهنجي چنڊ!

—

اونهارو، ليڪين،
پيتارين تي ٻگهڙ ڇتي
آسَ پيا سهڪين!

—

منهنجا ڪيتَ ڪرا،
ڇو هيي فوجي وڱن تي •
بندوقون، پهرا؟

—

جاٿو جاٿن ٿا،
ٻڏيون آڪاري پيڙيون
ڪنڌيءَ آٿن ٿا.

—

• وڱن = Van

لَڪن پڙاڏا۔
ٻيرَن آهنِ، پنڌَ ۾
ڏاڏا، پڙڏاڏا!

—

ويڙهيُوتا واسي،
هَل ــ سُهاڳڻ ننڊڙي
پرينءَ جي پاسي!

—

چَمِين ۾ ڪهڙا چَمين!
ٻيجل ۾ ٽي ڏيهڙا
سدا ناهي سَمين!

—

ڪوئي آهي ڙي؟
اڪيون ٻوٽي ڪو هتي
موٽيو ناهي ڙي!

—

ٻهچي ساڳي پڳيون،
ڪنهن هي تنبُو تاڻيا
اسان جي گهَڙهه لڳيون؟

# شریک نظم

ٿون ۽ مان اُن وقت مليا هياسين
جڏهن ڪوهه سُڪي رهيا ها،
۽ ٽر-ٻاٻيها آڄ ۾ آڏري ٽڪجي پيا ها؛
جڏهن ٽريچائيون پارَ ڪيدي رهيون هيون
۽ تازيون ٻٽيون اجا ڪونه سُڪيون هيون؛
جڏهن ڪوهن ۾
تارن جا ٽُڪڙا نظر نه ٿي آيا،
مون توکي سڏ ڪيا ها
۽ تون مون کي ائين ملي هئين ۽
جئن سارنگا سنڌوَنت کي ملي هئي!

مون سپنو ڏٺو هو تہ توُن اچي رهي آهين؛
اهو سپنو پتاڻيءَ جي واڻن ۾ هو؛
انهن گلاب جي گلن ۾ هو، جي تو کان سوا ٽڙي اجايا ٿي لڳا؛
سج لٿي جو ورنڌڙ ڀورن جي ڇنگن چڙن ۾ هو
جن جي لار اَن ڌرتيءَ تي ڀُري رهي آهي
جنهن تي انڌيارو ڇانئجي چُڪو آهي؛
سپنو جو اَن جي سَترهَ جي واءَ ۾ آهي،
جو بسنت جي ڪَهولا ۾
واٽڙو ڦري رهيو آهي.

ان ۾ ڪوئي شڪ نہ آهي
تہ اسان کان وڌيڪ
ڪوئي وڇوڙيل نہ آهي-
ديوار برلن ڪنهن ڪرٽ وانگر
گوڏڻي ڪي
اڌو اڌ ڪري وڌو آهي
۽ بيٿوون ۽ باخ جا نغما
هوائن ورهائي ورتا آهن،
پر پوءِ بہ جرمنيءَ جا رهواسي
بجليءَ جون تارون ٽپي
هڪ پاسي کان ٻئي پاسي وڃن ٿا،
۽ سان ويزا جي انتظار ۾
گهر کان ٻاهر ڪٽڙي اجنبيءَ ڪي
چتائي ڏسي رهيو آهيان
۽ سوچي رهيو آهيان
تہ هو ڪو سي. آءِ. ڊيءَ وارو تہ نہ آهي!

## گيتا

(لنڊن ۾)

جيئن طوفان کان پوءِ
گهمسان ۾ سڙ ٻڏي ويندا آهن
ائين هن جي شڪل صورت
منهنجي روح جي گهراين ۾ ٻڏي وئي هئي. *
ڪيئي سال ٿيا
زندگيءَ جي انوکيءَ آزمائش ۾
ڪائي لهر
هن کي لوڙهي آئي هئي
جوهو بيچ تي **
سڌو منهنجي آغوش ۾!
۽ هاڻي مان هن کي الوداع ڪري وڃي رهيو آهيان
(زندگيءَ جو جبر مون کي ڌڪي رهيو آهي)
هيٿرو ايئرپورٽ ڏانهن، ***
۽ سوچان ٿو ته جدائي ٻنهي کي ڪائيندي رهندي
ٻنهي جي هڏن مڪ کي
لارا ۽ زواگو وانگر. ****

---

* پهريون بند روسي شاعر پيسترنڪ جي هڪ نظم تان ورتل آهي.
** جوهو بيچ = بمبئيءَ ۾ ساحل جو ڪنارو
*** هيٿرو ايئرپورٽ = لنڊن جو ايئرپورٽ.
**** لارا ۽ زواگو = پيسترنڪ جي ناول ڊاڪٽر زواگو جا ٻه ڪردار.

ڪونجن جو وڳر
آڏاٿو
تہ ڳاهہ
ائين غشيءَ ۾ اچي ويو،
جيئن
سَر ۾ وهنجندي
نَنگيءَ نؤورنيءَ جي
ڪنهن تاڪُوءَ تي
اوچتو نظر پوي
۽ هوءَ
وسامي وڃي.

لاڙ ۾
ڪوئي ٻارڙو
چانهيٴَ جي ڦار
ڪائي رهيو آهي
يا وات سان
ڳاڙهو ٻاجو
وڄائي رهيو آهي.

آبد جي ڪباڙخاني ۾
اصغر گونڊويءَ جي عينڪ
۽ مولانا آزاد جي
چهه جي ڪيٽلي نظر اچي رهي آهي،
۽ مولانا چاهه پي
سوچي رهيو آهي
ته 'اصغر گونڊويءَ جي مجموعهي ڪلام تي
مٿهاڳ ڪيئن لکان؟
چا، مان آها عينڪ لڳائهي
اصغر گونڊويءَ وانگر
ڪائنات کي ڏسي سگهان ٿو؟'

# پڙاڏي کي

او منهنجا مرشد!
مان ڪتي هجان
جي ازلُ ۽ ابدُ
منهنجي دسترخوان جي ويجهو نہ ھُجن-
ازلُ ۽ ابدُ،
جي منهنجي شاعريءَ جا ٻہ غلام آهن
۽ جي غلام گردش ۾
رستو روڪي بيٺا آهن
موت جو،
جنهن جي حملي کان
ورلي ڪو بچيو آهي.

منهنجن لڙڪن ۾
چانديءَ جون تارون اڇي ڇڪيون آهن،
مان چاهيان ٿو
ته پنهنجو بياض هوتي رکان
۽ اِتي ختم ڪيان
ان افساني کي،
جنهن جي نه ابتدا آهي
نه انتها آهي
۽ ائين چپ چاپ
ڪائنات کي ڏسان
جيئن ڀتائيءَ
ڪراڙ جي پر تي ويهي
پاڻيءَ ۾ تارن جي ڇانوَ تي
رسالو ختم ڪري،
آسمان ڏانهن ڏٺو هو.

مان پنهنجي رسالي تي جهُڪيل آهيان،
موت پنهنجي موٽي رهيو آهي
۽ چوڏهينءَ جو چنڊ
هن جي شڪست تي کِلي رهيو آهي
۽ درياهه ۾ پاڻيءَ جا بُڊبدا
پنهنجون اکيون پٽي،
هن کي حيرت سان ڏسي رهيا آهن!

هي نيلو پيلو گهاگهرو
جنهن جي ڪور ڪيسري آهي،
هي سنڌ نگر
۽ اُن جي واسين ۾ ويلا
مون ڪي ڪيترا نه پيارا آهن!
مان جو دنيا گهڻي موٽي آيو آهيان،
پنهنجي ماتريوميءَ ڏانهن،
۽ اُن جي پيرن وٽ
مون پنهنجي ڪوتا ڦُلن جي ڇاپ وانگر
پيري رکي آهي؛
سوچان ٿو ته دنيا جا
سارا مهان ڪوي به نه آخر مٽي ٿي ويا؛
پرواهه نه آهي
جي دنيا منهنجي اُنهن سان پيٽ نه ڪري!
منهنجي امرتا ته اِنهيءَ مٽيءَ ۾ آهي
جنهن ڏانهن آءٌ موٽي آيو آهيان،
جنهن کي ايئن ڳائي
مان اُن ۾ سمائجو آهيان
جيئن
ياڳُويان وڳهڪوٽ کي ڳاتو هو.

ڇا تون مون کي اجازت ڏيندين
ته مان
اندرا گانڌيءَ جي موت تي ڳوڙها ڳاڙيان؟
توکي شايد معلوم نه آهي
ته اڳ
مون جهانسيءَ جي رائيءَ جي موت تي به رُنو هو
۽ آها تلوار
جا هُن جي ڪپيل هٿ مان ڪري پئي هئي
مون صاف ڪري
پنهنجي شاعريءَ جي مياڻ ۾
سانڍي رکي آهي،
۽ ڪنهن ڪنهن وقت
اُن کي ڪم آڻيندو آهيان
ته جيئن اُن تي ڪٽ نه چڙهي وڃي!
مون ايترو ڏک ڏٺو آهي
جو منهنجي اکين ۾
ڳوڙها سُڪي ويا آهن،
پر جي اندرا گانڌيءَ جي موت تي
منهنجين اُجايل اکين ۾
ڳوڙها پرجي اچن
ته ڇا تون مون کي اجازت ڏيندين
ته پنهنجن ڳلن ۾ پرنڊڙ باهه تي
به ڇنڊا وجهان.

مون کي ياد نہ آهي تہ هن پنهنجي ضدريءَ
جا ٻيڙا ٽڙٽڪڙ ۾ پاتا هيا يا نہ!
مون کي ياد نہ آهي تہ جڏهن هن تلوار مياڻ
مان ڪڍي هئي، تہ هن اُن کي چُميو هيو يا نہ!
مون کي ياد نہ آهي تہ هن واگهہ وانگر ڇال
ڏئي گهڻا انگريز ماريا ها!
مون کي ياد نہ آهي تہ جڏهن هن کي ڦٽڙو هياڏون
تڏهن هن جي بدن تي گهڻا گهاوَ هيا!
مون کي رڳو اِهو ياد آهي
تہ جڏهن ٽانڻيا ٽوپي ڦاسيءَ جي رسي ۾ لڙڪي
رهيو هو
۽ مون هن جا ٺڏا پير چميا ها
تڏهن منهنجي تن بدن ۾
آزاديءَ جا لکين آڙاهہ ٻري پيا ها.

هي ڪير آهي؟
ڪوئي مسافر آهي؟
ڪوئي خبطي آهي
يا مايا ڪووسڪيءَ وانگر
ڪوئي شاعر آهي،
جنهن جي تيز نگاهہ
ڪنهن ماهر جراح جي تکي اوزار وانگر
تاريخ جي سيني کي
چيري رهي آهي!
هو ڪنهن ڪنهن کي
بنواس ڪاٽي
موٽندو ڏسي رهيو آهي؟
هو ڇو ٿو چاهي
تہ نئين دور جو وڻدوباس ٿئي؟
هو ڇو ٿو چاهي
تہ ڪُرڪيتر واري جنگ
ٻيهر لڳي؟
ڇا هُنَ بہ جوتا ۾ ڪائي اسلحہ شيءِ هارائي هئي؟
ڇا هن بہ جوتا ۾ ڪائي اسلحہ شيءِ هارائي هئي؟

سبطِ حسن

دليءَ ۾ مري ويو
۽ هن جو لاش ڪراچيءَ کڻي آيا
۽ هن ڪان ڪنهن پڇيو ئي نه
ته "توکي ڪٿي پُوريو وڃي؟"

ڇا تون ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو؟
لاهور ۽ دليءَ جي رستن تان
رَتُ ڌوئبي ڇڏيو آهي
۽ آها رَتُ، ويجهي آهي
جنهن ۾ مالتيءَ جا اڇا پُشپ
من جي پوترتا وانگر ٽڙيل پوندا آهن.
ڇا تون اڄان چاهين ٿو
ته ابُوسمبل جي مندر وانگر
ننڪاڻا صاحب کي
ڌرتيءَ تان پٽي
آمرتسر نيو وڃي؟
يا توکي يقين آهي
ته سنت جرنيل‌سنگهه مئو نه آهي
۽ دليءَ جي رستن تي
رت جا نوان تلاءُ پرجهيا آهن.
۽ تون پاڻ سان گڏ
مون تي به ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو
ته جيئن دروازن جي ڀتي پاسي
مان مالتيءَ جا اڇا پُشپ
ڏسي نه سگهان!

ماڙي پٺيان
اڏوهه سو سٺيتاليهه جو
لهندڙ سج،
وسڪيءَ جي ٽٽل گلاس وانگر
لڳي رهيو آهي.
منهنجي من ۾ ايتري نراسائي ڇانيل آهي
جو مان چاهيان ٿو
ته ساري رات پيئان
جڻ ڪيپ جي چولين ۾
منهنجو اٿاهه ڏک
ٻڏي وڃي.
مان ٽپو ڏئي
ٽرام تي چڙهي ويهان ٿو
۽ وڃان ٿو نيپئررود ڏانهن
ٺرڪي جي بوتل وٺڻ لاءِ.
ٽرام
رستي تان
ڪيئي مزدور
۽ ڪيئي خلاصي
کنيا آهن
جي موٽي رهيا ها
ڪياماڙيءَ تان.
شايد آهي به وڃي رهيا آهن
ٺرڪي لاءِ،
پنهنجو ٿڪ مٽائڻ لاءِ.
ٽرام ۾
ڪيڏي نه پيهه آهي!

منهنجا ڪلها ڪسي رهيا آهن
مزدورن سان
۽ خلاصين سان،
انهن جي ماٺ ۾
ڪيڏي نه سگهه آهي!
انهن ۾
ڪائي ئراسائي نه آهي،
۽ آهي ٻئي ڏينهن ڪان
سون وانگر
هراسيل نه آهن.
شام جو ڪراچي
ايئن وڃي رهي آهي
جيئن چوڙ وٽ سنڌو وهندي آهي،
۽ ڏک
منهنجي من ۾
ڪوئل وانگر،
ڪُوڪي ڪُوڪي،
سائو ٿي پيو آهي.

منهنجي ديس جا
چين نواز اشتراڪي سوچڻ ٿا
ته ڇا مائو ڊينان ۾ مري چڪو آهي؟
ڊينگ آمريڪا جا جوتا چٽي رهيو آهي
پر اڃا هو اهو مڃڻ لاءِ تيار نه آهن
ته مائو مري چڪو آهي!
هو اهو نٿا سمجهن
ته ڪنهن به پيغام کي ابديت نه آهي،
ته جو پيغام صليب تي چاڙهيو نه ويندو؛ آهي
پنهنجي موت مري ويندو آهي،
ته پيغام به فاني آهن
انسانن وانگر.
اي ڪنفيوشس!
تو ڪن چو ڪتڙا ڪيا آهن،
ڇا تون مون کي ٻڌي رهيو آهين؟

جيئن ڪڄين جا
ڀرپور گوشا
لڙڪندا آهن،
ائين
ڦاسيءَ جا ڦندا ٽڙي پيا آهن
۽ انهن ۾
ڪَنڌَ لُڏي رهيا آهن.
اي آزاديءَ جي رُت!
تون اچي وڃي آهين
تون اچي وڃي آهين!

اڪويهين صدي شروع ٿي چڪي آهي.
اڌ رات جو
سماسٽا ڪان ايندڙ گاڏي
سکر جي پُل تان لنگهي رهي آهي
۽ اُن جي بتين جي روشني
پاڻيءَ ۾ پئجي رهي آهي
پُر اسرار
دل آويز
محبت جي وارفتگيءَ وانگر
خواجہ فريد جي ڪافيءَ وانگر.

ٻڌين ٿو؟
شيون ڳالهائن ٿيون!
هي دنبورو آهي، جو پٽائي وڄائيندو هيو
۽ آن جي تارن مان
رابيل جا گل ڦٽي پوندا ها،
جن جي هڳاءَ ۾
سڀ ويڙهجي ويندا ها.
هي ڪبير جو چرخو آهي
جنهن جي تاڃي پيٽي ۾
ساري ديس جو من
اڻجي، هڪ ٿي ويو هو.
هيءَ اها رسي آهي
جنهن ۾ نانا صاحب کي لٽڪايو ويو هو
۽ جا اڄان تائين هوا ۾ لٽڪي رهي آهي
۽ نه ڄاڻان
ڪنهن ڪنهن سرَ جي منتظر آهي!
تون جو
منهنجي شاعريءَ کي سمجهڻ جي
ڪوشش ڪري رهيو آهين،
ٻڌين ٿو؟
تاريخ جي عجائب گهر ۾
شيون ڳالهائن ٿيون.

سيڪريٽريٽ ۾
هو فائيل بند ڪري،
فيض جو شعر جهونگاري رهيو آهي-
پيوکہ مفت لگادی ہے خونِ دل کی کشید
گراں ہے اب کے مے لالہ فام کہتے ہیں۔
فيض ته پنهنجا شعر محنت ڪش عوام لاءِ لکيا ها؟
هي جو رت پياڪ طبقو آهي
جنهن جي واڇن مان
محنت ڪش عوام جو خون ٽمڪي رهيو آهي،
فيض کي ڇو ڳائي رهيو آهي؟
فيض ته پنهنجي زندگي ڏئي
اها شاعري ورتي هئي،
جيتوڻيڪ هو به انهيءَ محنت ڪش وانگر هيو
جنهن کان پنهنجي محنت جو ڦل کسيو ويو آهي،
جنهن جو خون
انهيءَ رت پياڪ طبقي جي واڇن مان
ٽمڪي رهيو آهي
۽ جنهن جيءَ تقدير تي
سيڪريٽريٽ ۾
اهو فائيل بوٽيو ويو آهي.

منهنجون نظرون
هڪ سرويئر وانگر
تنهنجي قبر کڇي رهيون آهن
قبر، جا ڪراچيءَ کان ڪاروسنڊل تائين آهي،
۽ جنهن تي انبار ڪنڊن جا نڪتا آهن.
نہ ڄاڻان تنهنجي روح ۾ ڇا هيو
جنهن مان ايترا ڪنڊا نڪتا آهن!
نہ ڄاڻان توکي ڇو نہ ملي سگهيو
اهو جيئڻ
جو ڪنهن سؤنف جي ڪيتن مان گذرڻ وانگر
لڳندو آهي.

هي ڪهڙو بسنت آهي؟
پن تي ماڪ موهيڙن وانگر لڳي رهي آهي!
پکين جا پر
هڪٻئي کي
ڪئنچين وانگر ڪٽي رهيا آهن ؛
اورنگزيب اڄا تخت تي آهي
۽ دارا جو روح
پنهنجيءَ مزار ۾
پنهنجيءَ شهادت تي
افسوس ڪري رهيو آهي!

چيني سيلاني
شيوسانگ،
ڪوئيشيوُر جي بندر تي لٿو آهي،
بوپارڙيءَ جو سج
سمنڊ تي
ڪنهن غدار جي چنيءَ وانگر لڳي رهيو آهي،
شيوسانگ مون کان پڇي ٿو
”ڇا هن ديس جو نالو سنڌ آهي؟“
مان وراڻيان ٿو: ”هائو، هن ديس جو نالو سنڌ آهي“
هُو وري پڇي ٿو ”ڇا ان جي ٻيرين ۾
سونا ٻير ٿيندا آهن؟“
”هائو ان جي ٻيرين ۾ سونا ٻير ٿيندا
آهن“ مان جواب ڏيان ٿو، ”پر ريپارين
جا ڪُنڀَل انهن کان وڌيڪ سونا هوندا آهن ۽ ٿر جي
ريتيءَ تي سج جا سونا شعاع ٻه“
شيوسانگ وري مون کان پڇي ٿو: ”مون ٻڌو
آهي ته هتي پٽ پٿيهر ڏاڍو عمدو ٿيندو
آهي؟“
”هائو“ مان جواب ۾ ڪنڌ ڌوڻيان ٿو. ”هائو
سومراسَر تي جڏهن سومريون پاڻي ڀري پٽ
ني ويهنديون آهن، تڏهن ايئن لڳندو آهي ته پٽ جا
تاڪيا اُڪلي پيا آهن“
ڪجهه سوچي وري هو پڇي ٿو ”مون ٻڌو آهي
ته هتي گيت ڳائيندا آهن جن کي ’جَڪڙيون‘

چيو ويندو آهي. ماڻ انهن ۾ جکڙجي ته نه
ويندس؟ مون کي پنهنجي ديس موٽي وڃڻو
آهي"

"هائو تون انهن ۾ جکڙجي ويندين،"
ماڻ هن کي جواب ڏنو، "۽ جي تون انهن ماڻ
پاڻ ڇڏائي به وٺين تڏهن به ساري عمر
تنهنجو من انهن ۾ جکڙيل رهندو"
شيوسانگ کوٽيشور جي بندر تي وڃي رهيو آهي
۽ سامهون سمنڊ تي
پوياڙيءَ جو سج
کنهن غدار جي چميءَ وانگر لڳي رهيو آهي.

”هن ديس ۾ هڪڙو پڻ ٻه اهڙو نه آهي
جنهن کي آھ نه ٿو چورڻان“
(چليءَ جو صدر آگسٽو پنوچي)

پنوچي!
آلنڊي جي دل ۾ هڪ ٻڻ آهي
جو ڇڙي ٻري رهيو آهي.
تنهنجي بندش جي باوجود
۽ تون
اُن ٻڻ جي ڇڙپڙ
گولين سان بند نه ڪري سگهيو آهين،
۽ جيڪو ان طوفان جي انتظار ۾ آهي
جنهن ۾ ڪروڙين ٻڻ
تاڙيون وڄائي،
اُن انقلاب جي آجيان ڪندا
جنهن جو انتظار
هو اڄ
خاموشيءَ سان ڪري رهيا آهن.

مون ليار جي وڻ کي چيو:
”مون کي ٻُڪ لڳي آهي
”تو ۾ ڳاڙها ڦُل ڪڏهن ايندا؟“
۽ پوءِ شام ٿي وئي
۽ شفق جي ڳاڙهاڻ ۾
ليار جو وڻ ڪجهه سوچيندو رهيو.



ڪوڏ ڪيئن ڪناري تي
سمنڊ کي سمايو آ؟
شور تو ڪڏهن اُن ۾
هانوَ سان هنڊايو آ؟

ايئن ڪڻ آهن جي،
هِن سماءَ ساري کي
پاڻ ۾ سمائن ٿا
ڪوڏ جئن ڪناري تي!

ڇپ ڇپ، آهن پر
نيٺ هاڃ پرجي ٿو،
نيٺ سِپ سان آبري
سمنڊ جيئن گرجي ٿو؛

بس اِها تمنا آ،
'ڪوڏ جئن اگر چاهيان،
شاعريءَ ۾ پنهنجي
سمنڊ ڪيئن ڦهلايان؟'

عليٰ الصباح ڪه مردان به ڪار ڪار روند
بلاڪشانِ محبّت به ڪوئي يار روند
(هڪ پارسي شعر)

باڪ ڦٽيءَ جو شعر لهن ٿا
مون تي سڄي - آهاءُ ڪري؛

رتّ آبڙڪا ڪاٿي تو ايئن
ڏينهن تنهنجو جيئن تاهُ ڪري!

سارو وقت نه رهندو ناهين،
ويندو آنهه سماءُ ڪري!

ڪيسين ڪُوهه ڪلاڻ جهڙي ۾
منهنجي ذات هگاهُ ڪري؟

آءُ نه آدرياءُ ڪري ڪو
تنهنجو آدرياءُ ڪري!

اڃا آجهائل، ڏٺئين ساهڻا،
تون جيئن اڃيو اهين، آهه!

تنهنجي ڪارڻ ليئا پاتا
ساري رات جاڳي مون در تي،
ڪيڏو ڪارو انڌيارو آ
پنبڙڪي تائين سانيڙ تي!

چاڻ پرهه جا پکي آڏريا!
توڙي ٻوٽين آهي ويرا،
منهنجي جوت اڃا ٻه ٻري ٿي
اڃا تڪيان تو تنهنجا پيرا.

اڃا ٻه ساڳيو ليئو آهيان
اڃايو آهين جي تون، آهه!

تون جو چڙ ڪنهن وقت ڏسين ٿي
جهڙ جي جهالر سان،

منهنجي ويڙهي جي آڳر ۾
املتاس جي وڻ تي جهڙو
ٻُورو چندرمان !

آهه ڇهان ٿو تنهنجو مکڙو
جنهن جي سندرتا ۾ ڦيرو
هميشه نه آندو آ!

قبول جيان آ ساڳيو مکڙو
جنهن جي سندرتا ۾ ڦيرو
هميشه نه آندو آ!

پيار نہ مون سڱ پيرا ڪيو آ
پوءِ بہ ڇو هڪ پيرو ڪيو آ؟
من اُجرو آهي اڄ تائين
ڪنهن ڇنڇي تن ميرو ڪيو آ!
ڪيتري سالن کان ڪنهن پنڇي*
مون ۾ ڇو آکيرو ڪيو آ!

* ڪنهن گوڪل جي مدوونتيءَ جهڙي
سارَ سهاري گذريو جيون،
اندرڌَنش جيئن جنهن جو مکڙو *
تنهن کي ساري گذريو جيون،
سو مکڙو آ اڄ بہ هتي ۾
پيو سپ واري گذريو جيون.

---

* مدوونتي = ماکيءَ جهڙي.
* اندرڌنش = انڊلٺ

## لاهور جي انٽرنيشنل هوٽل ٻاهران

رات جو سُڃو صحرا-
دور دور رستي تي
ڦهير ٽا وڃن تنهنجا،
ڪيترو ٻَرائي ويندين؟
آءٌ هي نه چاهيان ٿو،

دل پڇي ٿيو، ”توکي
”اِن طرح سماڻان آءٌ،
”دل اندر ڇپايان آءٌ،
”دور ٿين نه تون مون کان“

تون مگر رُسي ڄاڻان
اُنين وچي رهي آهين،
چنڊ جيئن بادل کان
دور دور ويندو آ.

آءٌ ٿو ته ڌهن سوچان،
”اڄ جدا ٿيون تون مان
”سو گهڻو چڱو آهي
”موت جهي جدائيءَ کان،
”جا ڪڏهن نه اچڻي آ.“

شاعري طبيعت تي
ايترو ته، ڇانئي آ،

هيءَ اَيام ڇولين جي
ڇڻ ته، ٻوڏ آئي آ!
ڪيترو اَئوٽ آهيان
ٻوءِ به مان اَئوٽ آهيان،
مَتَڏ ۾ رَتا ڪيئي
شعر لِيڙڪڙائن ٿا.
پوءِ به آتَ آنيوءَ مان
ڪيترو وڃائن ٿا؛

جيءَ ۾ جهمر آهي
يار سَتُوَ ڪَتا آهن
وارَ هينَ حياتيءَ جا
سات جِرن مَتا آهن؛
چوطرف زماني جا
ڏاڍ ۾ ڏمر آهن.
پوءِ به گيت ٻَرسن ٿا
آيءَ ۾ ڇمر آهن؛
ڪير شعر ٿو جوڙي؟
ٻَندَ ڪير ٿو توڙي؟

هيءَ ايامَ ڇولين جي،
هيءَ اڏامَ ڇولين جي،
اڳ ڪڏهن نه آئي آ؛
ڪيتري سُهائي آ!

چنڊ رات اي ساٿي
ڏس تہ ڪيئي روهيڙا
جن لڳن پيا ٽڙ ٻ،
ڏهر ڏهر ڏوهيڙا.

سانت آهہ - وڻ وڻ جو
ٻولُ ٻولُ آ آهڙو
آ وِشال واريءَ تي
چنڊُ چيٽ جو جهڙو.

آڏيءَ جي خاموش نگر ۾ تون جو ايندڙي آهين
منهنجين اکڙين تي پنهنجا وار وڇيندڙي آهين،
۽ پنهنجي پهلوءَ ۾ آڻي مون کي چوندي آهين:
”مون کان دور رهي تون ايڏو ڇو تو مون کي چاهين؟
”ڪيڏو دور رهان ٿي توکان هيءَ ڪنهن دنيا ۾،
”مان جي هاڻي ايندس تو وٽ رهندس مان ڇا ۾؟
”منهنجو جنم جنم جو توسان ساٿ ته رهڻو آهي
”توڙي آهي پرتان پرتان ساٿ ته رهڻو آهي،
”نيٺ ته توسان ملڻو آهي مون لئه جاءِ ڇڏي ڏي
”پنهنجيءَ دنيا ۾ تون مون کي تيسين هاءِ ڇڏي ڏي!“

دور ستارا پوڙها آهن
چنڊ به پوڙهو آهي،
يا هُو پوڙهو ناهي؟

هن ساري سنسار کي ڪوئي
چوڌاري ڪو لوڙهو ناهي
يا ڪو لوڙهو آهي؟

ديپ ٻُجهن ٿا ديپ ٻَرن ٿا
ڏاڍو ڏُور ڏياٽيون آهن
جي وِسمَءِ مان مَنش ڏسن ٿا.

وِشوُ جيڪو مندر آهي
ڇا ان ۾ ڪوئي دَرُ آهي؟

مورتيون ۽ سڀ پوڄاري
ان کان ٻاهر ڇو نه وڃن ٿا؟

هُونءَ وشال لڳي ٿو، ليڪن
گهيرو ڪيڏو سوڙهو آهي!

---

وِسمَءِ = حيرت
مَنش = انسان
وِشوُ = ڪائنات
وشال = ويڪرو، وسيع

منهنجا گيت ڪڏهن اي ترڻي!
چنڊ، توکان ڪو [illegible] گهرن ٿا؟

مون کان پوءِ اهي اڃان لڳندا
اندمانَ* جي چانڊوڪيءَ ۾
ڇڻ ڪي هڏڙا پڪڙيل آهن-

هڏڙا ڪنهن کان ڇا ٿا چاهن
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!

---

* اندمان = بيٽ، جنهن تي انگريزَ باغين کي سزا طور موڪليندا هئا.

ڪجهه به نه ٿو اچ ياسي من کي
سانت سمنڊ جيڏي آهي
جنهن ۾ آءٌ سمايل آهيان،

آسمانَ جي نيري ڪُنَ ۾
ڀيروٽيءَ جي نيڻن وانگر
گهُوريان ٿو، گهبرايل آهيان.

ڪيڏي سانت ڇايل آهي
جهرمر جهرمر تارن پٽڙن
جن جي حدّ حسابُ نه آهي!

ڪنهن پينوءَ جي پاڌَ جيان جڳ
هي سارو ڪجهه پالهو آهي؛
چا، هي سڀ ڪجهه خواب نه آهي؟

چانڊني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان،
چڻ تون هُئينءَ.

يا سُڱنڌَن ۾ پَرِيل ڪنهن واءَ جي جهوٽي جيان،
چڻ تون هُئينءَ.

ڪيرٽر ٿان ڳَنڍُ ڪو ٽمن ڳاج ٿي جيئين جهُڪي،
ٽِمن مان هُئيس.

رڻ ۾ ڪوئي هَرڻُ ٻاٽي ڏسي ڏاڍو ڊُڪي،
ٽِمن مان هُئيس.

تون ملينءَ مون کي ته سارو ڄڳ مليو، پيو ڇا کپي!
منهنجي سڪڙي!

ماڳُ ڏاڍو آ پَري، جي ڏَڳُ مليو پيو ڇا کپي!
منهنجي سڪڙي!

ستارا عرش منور آهي
چنڊ گلي ۾ چمڪي ٿو؛

ڏور ڍنڍائيءَ جي بستيءَ ۾
ٽڙيل منهنجي سرمستيءَ ۾
ٻيڙو سون کي تاڙي ٿو؛

چنڊ گليءَ ۾ چمڪي ٿو
ستارو عرش منور آهي.
ڇا هي منهنجو ئي گهر آهي؟
ڇا هي منهنجو بسترو آهي؟
جنهن وٽ ڪوئي روئي ٿو؛

ڇي، "هي شعر اڌورو آهي
"وٺي ڪالهه لکيائين ٿي جو
"جهونگاريءِ سوچيائين ٿي جو،
"پانيان تو اڻپورو آهي."

برهان ڪوئي سوچي ٿو،
"بس، هي هاڻي اڃا فاهي
"پُور پتنگ جو پوڻون آهي
"ڪٿي وڃي ٿي ناوَ نه ڄاڻان
"دور ڪنارا مان نه سڃاڻان."

آهه آنهن جي سوچ ٻڌان ٿو
موتيي تن کي آهه چوان ٿو

"توڙي ڏور اُٿندو آهيان
آءٌ اوهان ۾ رهندو آهيان"

پر ڪو مون کي ڪونه ٻڌن ٿا
لُڙڪ اگهن ٿا، پوءِ چون ٿا

"هن جا گيت نه سپنا آهن
"پر هي سُپنا سچا آهن
"آزاديءَ جي وِرڪ وِرڪ تي
"هن جا پيرا چِٽا آهن،
"هن جا گيت نه مرڻا آهن
"گونجَ نه اگهتي تن جي گهٽبي
"گيت نه ناهن جهڙڻا آهن،
"امر گيت جي بارش وانگر
"تَر بَر وَر وَر وَرڻا آهن؛
"نيٺ قلمن رُت اچڻي آهي
"هن جا پاڪ سنوَرڻا آهن،
"هن جا گيت نه مرڻا آهن."

پوءِ ڪو مون کي ڳائي ٿو
چنڊُ گليءَ ۾ چمڪي ٿو
سارو عرش منوَّر آهي.

”مرزا رُسوا“ وانگر شاعر
فرش نشين آ،
جام و صراحيءَ جي گردش ۾
عرش بريں آ؛
ڇيما ڇيما ڇير جيئن - جادو،
دور ستارا
’اُمراءَ جان آدا‘ جا گهنگرو-
آسمان جي ڪُنڊ تي ڇڻ
ڪوئي غزل سرا آ
غزل ۾ اهڙو جنهن جو ڪوئي
مطلع ڪونهي
مقطع ڪونهي.

## باس

مورتيون ڪجهہ آهن منهنجي
جيوَن جي ٻيچواڙي ۾
جن جا سالم ستنڊ نہ آهن
جن کي ڪُلهن تي ڪنڌ نہ آهن!

هي جي ٻہ ٽي آڱنڊ ۾ آهن،
يا جي مون ڏي ٻنڊ ۾ آهن،
تن کان آءٌ لڪايان ٿو جيءُ
جيوَن جي ٻيچواڙي کي
پنهنجي پريت جي ڏاڙي کي.

ڪيڏو ياد ڪيان ٿو توکي
تنهائيءَ ۾!
تون جو جيئڻ جو جڳ آهين
ڪهڙ ڇوي ٿو تون ڪٿ آهين!
جيئڻ مرڻ جي هر ناتي کي
معنيٰ ڏين ٿو
ڏک سک ۾ سڏ وراڻي
ڇا ڇا ڏين ٿو!
هر ساپيا کي سپنا ڏيسن ٿو
هر سپني کي ساپيا ڏين ٿو؛
مون کي ڌرتيءَ سان واڳي تون
تارن تي ڪنهن وقت سڏين ٿو،
ڇهونجهڪڙي ۾ ماڪ ٻوڙي ٿي
تون مهڪين ٿو،
باک ڦٽيءَ جو ٻن ٻن پنڇي
ٿي چهڪين ٿو،
ڳاهه مٿان جڻ واءُ لڳي ٿو
تون لهڪين ٿو،
روز نوان سُر تون آڇين ٿو،
مون ۾ آگ جيان دهڪين ٿو،
مون سان ڪُوهڪلان جهڙي ۾
تون ٻهڪين ٿو،
منهنجي ڪوتا تيسن ٿو،
توڙي عمر سڄي مان ڳايان
مان تنهنجو احسان چڪايان

ممڪن ناهي؛
پر هيي چاهي!
تنهنجو نانءُ وٺن تا ماڻهو،
توکان وڌِي وڃان ٿو آئون
توکي ڪونہ مڃان ٿو آئون
توکي مٽيءَ جي ماڌوءَ جئن
بيهي روز پڄان ٿو آئون!
تون ماڻهوءَ جي مُنهن تي ڇو اُئن
نانگ جيان لهرائين بيٺو؟
ڇو تون مون کي ڪائين بيٺو؟
تون جو سارو سپنو آهين
ساپيا جي اگرن تي مون کي
زِنت نعون تڙڪائين بيٺو!
ڇا مان ڪو ديوانو آهيان
جو مون کي پسرائين بيٺو؟
يا.... مون کي ڪجهہ ڏي تہ نہ پيو آ،
منهنجو من ڏڪي تہ نہ پيو آ.

هيءَ ننڊَ ۾ امرت وانگر آ!
اڌ رات، وڇوڙيل وهه جهڙا
پل پهر نه آهن پيالن ۾،
اڄ منهنجا نيڻَ اُجالن ۾
هن ڌرتيءَ جي انڌيارن مان
واجهائن ٿا،
۽ توکي ويجهو پائن ٿا؛
هيءَ ڌرتي ڪيڏي ڪاري آ!
انڌياري آ!
۽ تنهنجن منهنجن هردن جي
قولن تي ڪيڏو ڀاري آ!
هن ڌرتيءَ تي
توکي مون کي ڪيڏو ناهي
ڏينهن ڏٺي جو مٺو ڏاهي؛
لنگهه لڪن ۾ سوڙها آهن،
ڪوڙها آهن
ماڪ ڦڙن ۾ باک ڦٽيءَ جا
تن سان تون منهن ڌوئين ڇو ٿي؟
روئين ڇو ٿي؟
دور سهڻي، پر ويجهو آهين
منهنجي سپنن ۾ تون سرتي!
هيءَ ڪاري، انڌياري ڌرتي
سپنن جي ئي انت نگر تي
اُن جو ڪوئي وَس نه آهي،
آهه، ستارن تان سپنن ۾
آءُ، هلي آ—

شهر سيلاب ۾
دور لڙهندو ويو تني جڏهن خواب ۾
ڪشتيءَ نوح جيئن-
تو ڏٺو چؤطرف رات ڪنهن روح جيئن.
سوچيو مون تڏهن
(تو منهوڙو ڏسي لُڙڪ لاڙيا جڏهن)
بمبئيءَ چو وٽين؟
تون ڪراچي هئينءَ، تون ڪراچي هئينءَ!

## امير خسروءَ جي مزار تي

مون لاءِ اڄان
ديوار رکيو آئينو آ؛
تو اڄ ٿي به اُن ۾ چنڊ ڏٺان
جو آيري آيو آهي مٿان
خسروءَ جي دَرخشان مرقد تي—
۽ 'گيتا' ڪيڏي پيار منجهان
هڪ شمع جلائي آ تو مان
جا روشنيون ڦهلائي ٿي
خُسروءَ تي نور وسائي ٿي،
ديوار رکيو آئينو آ
جنهن مستقبل جي ڏيک ڏني
مان سوچان ٿو ڪجهه دور ڏسي
جي منهنجي شمع وسامي ٿي،
هي چنڊ سدائين رهندو آ
خسروءَ جي مرقد تي؛
هي چنڊ نه بيٺو آهي ڪٿي
کهڙيءَ بي سرحد تي.

# اڳڪٿي

ڏسان ٿو ڇا ڇا؟
ڇڻ آڏري شاهينَ جا
پون ٿا پاڇا!

ڏسان ٿو ڇا ڇا؟
اُتر ڪان ايندا ڪاهن
نُقرا گهوڙا ڇا؟

ڏسان ٿو ڇا ڇا؟
تو تي رَتيي باک ڪا
اُڀري ٿيي ڪاڇا۔

ڏسان ٿو ڇا ڇا؟
هو جي منهنجا سپرين
وري ايندا ڇا؟

لوهي دروازي تي تالو
ڇا ائين ڪُلڻو ناهي؟
جهلڙ ۾ ايئن ته نہ ميٺو آهي!
هي تالو جو آهي نرالو،
جنهن جهلڙ جي ڪوهڙ وانگر
سڀ ڪي گڏجي پيٺو آهي؛
هر جهليي جنهن روز پنهنجي تو
ڇو هيءُ دروازي تي تالو
اڃان لڳو پيو آهي؟
اڃان لڳو پيو آهي؟

## فلسطين جو گيت

جلاوطن يارو،
اوهان ٻڍان کي ناهي اوهان جو نيتارو!
سچ ” سدائين اپريو آهي اڀيارو،
غلط اٿو چارو
وڃو نه لهوارو!
جلاوطن يارو!
جيت نه آ ڊارو
هار سدائين ڪوڙ جي آهي
سوڀ سدائين سچ جي آهي.
ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ وجهو اڄ
سچ جو بالا ٻول ڪيو اڄ
هي اهڙو ماحول ڪيو اڄ
جو اڀري نعرو:
”پنهنجو ديس اسان کي هائي
”پيهر حاصل ڪرڻو آهي
”پنهنجن بندوقن کي تائي
”هر دشمن کي موت آمائي،
”پنهنجو ديس اسان کي هائي
”پيهر حاصل ڪرڻو آهي.“ —

نعرو ڪو هٿيار نہ آهي
پوءِ بہ آن سان ڪاٿي ٿُنهنجيءِ
دل کي چڻ تسڪين ملي ٿي.
زندان جون ڏهوارون ٿو لڳ
روز ٿِجي ڪان اوچيون، ليڪن
نعري لڳ ديوار نہ آهي،
روز ٿِجي ديوار وچي ٿو
چڻ تہ پراهين پار وڃي ٿو،
ها، پر هاڻي تنهنجا نعرا
توڪان پهريدار کَسين ٿا
توکي گونگو ڪَس" ڏسين ٿا—

سيٺي هاڻي اِئين سوچين ٿا،
"نعري مان ڇا ملڻو آهي؟
"نعرو ڪاٿي گولي ناهي،
"ها دشمن تي وار" تہ آهي،
"نعرو پر هٿيار" نہ آهي
"آن جي چيڙي تي آج" ڪوئي
"آزاديءَ جو ٻار" نہ آهي"

ساري ديس ڇڏي سڀ نعرا
چُپ" ڇپن تي لاڏي آهي
ٻدر جهاڏي ٻاٽوي آهي.—

هي سنڌوءَ جي ڇَرَ ۾ تنهنجو
لاش پيو آ —
عطر عنبير جهڙي آن ۾ ڪائي
اڄ ٻه خوشبو آهي،
تنهنجي موت حياتيءَ ۾ ڄڻ
ساڳو جادو آهي!
باقي تنهنجي ساري سمّنا
آڌري وَنئي آ
ڄڻ پيجري مان ڪائي مئنا
آڌري وئي آ!
آءٌ پڇان ٿو هوي توکان، ”ڇا
”اڄ ٻه تنهنجا نيڻ ڏسن ٿا
”تلوارن جا تيج هوا ۾؟
”پيهر رُت جا رنج هوا ۾؟
”هرَندڙ ڪائي هيج هوا ۾؟
”يا تون منهنجي نظم لکڻ لئه
”ماريو ويو هئين؟“

هي جو انڌاري ڌرتيءَ تي راڄُ ڪري ٿو
ماڻهو ٺڳيندا ڪن ٿا ۽ جنهن وقت مري ٿو،
سچُ اُپري ٿو هُن جا سڀ ڪرتوت ڏسن ٿا
هُن جي پُر پُر مٽيءَ ۾ سڙُ پوت ڏسن ٿا،
۽ هو پاڻ مٽيءَ سان مٽي ٿو ويو آهي
ڪِٿِ چنجي ڪنهن وقت هتي هو جيڪي ويو آهي!
جيڪو هُن ڪان پوءِ اچي آيمانُ ڇڪي ٿو
ڪونه لهي ٿو، ڪُرسيءَ تي جي پيرُ رکي ٿو
اِئن سمجهي، ٿو "حال تہ مون کي مرڻو ناهي
"ڦهڪو ڪنائي پيپ" مٽيءَ جو پرڻو ناهي،
"مون کان اڳ ۾ جي آيا تن وانگر مون کي
"مرڻو ناهي، مرڻو ناهي، مرڻو ناهي!"

آزاديءَ لئه روز مَرن ٿا
ماڻهوڙا.
ايشيا يا آفريڪا آهي
لاطيني آمريڪا آهي،
مرندي تائين ڪونه ڊرن ٿا،
ماڻهوڙا.
آخر هي آزاد ته ٿيندا
پر ڇا هي جلاد نه ٿيندا؟
ڪَنڌَ آڏيءَ تي روز ڌَرن ٿا،
ماڻهوڙا.
ڪالهه جن آزادي ٿي چاهي
ٺاهن ٿا ٻئي ڪنهن لئه ڦاهي
فاتح ٿي جنهن وقت وَرن ٿا
ماڻهوڙا.
واهه! اهائي ڪار ڪَرن ٿا
ماڻهوڙا!
جنهن مان جيندُ ڇڏائڻ خاطر
روزُ مَرن ٿا
ماڻهوڙا!!
ويريءَ جا جنهن وقت آڏيءَ تي
ڪَنڌُ ڌَرن ٿا
ماڻهوڙا.

واه، أهائي ڪار ڪرڻ ٿا
ماڻهوڙا!!
ماڻهوڙا!
او ماڻهوڙا!
او ماڻهوڙا!!

راڄ - مهاڄڻ ڪوئي ناهي هرڪو پاڻ وڏو آ،
۽ جنهن ڪي بندوق نه آهي سو ڄڻ ماڻس جڏو آ.

هاڻو، هيءُ مخلوق وڏي شيءِ آهي
تنهن کان پوءِ بندوق وڏي شيءِ آهي.

بادل آيا، ڪيڏي اڻ تڻ آهي تاڙن ۾!
مور آڏاڻا، گونجي ٿي بندوق پهاڙن ۾.

ڪالهه ڪوتا جي رس تي جهي چارڻ ايندا ها
روز لڙيءَ ۾ ڪوئي ٻارڻ ٻارڻ ايندا ها،

هاڻي هن بندوق جي ٺڪ ٺڪ اهڙي واڻي آ،
هرڪو ڄاڻي ٿو ته اُنهيءَ جي آمر ڪهاڙي آ.

هاڻو، هيءُ مخلوق وڏي شيءِ آهي
تنهن کان پوءِ بندوق وڏي شيءِ آهي.

”جو چوين ٿو
سا حقيقت آهي شاعر،
پر اهو ممڪن نه آهي“

مان پڇان ٿو،
”ڪوڙ ڇو ممڪن لڳي ٿو؟
”سچ“ ڇو ممڪن نه آهي!
”جهوٽ“ اندر جو ”سچ“ آهي
”ٿورڙو روشن لڳي ٿو
”ڇو بنهه روشن نه آهي!

”سچ“ آخر ”سچ“ آهي؟
”ڪوڙ“ آخر ”ڪوڙ“ آهي!
”ڪيستائين ڪونه مڃيندو
”سچ“ ۾ جو ”سچ“ آهي؟

”جي پتنگ آهين ته پيارا
”سچ“ تي قربان ٿي وڃ!
”جو بنهه مڃيندو سڀاڻ، تنهن
”سچ“ تي قربان ٿي وڃ!“

موت مسئلو ناهي
مسئلو جيئڻ جو آ،
پڙسڪون ڪيڏي آ
ڏور جا مماتي آ!

ڪيترا نہ ڏولاوا
مون هتي ڏٺا آهن،
زندگيءَ جا لمحا
پوءِ بہ ميٺا آهن.

ڪنهن بہ ڪونہ ڄاتو آ
نيٺ انت ڇا آهي،
اختتام ڪان اڳتي
ڪا بہ ابتدا آهي!

خون بها حياتيءَ جو
مون اڃان نہ پاتو آ
ڪيترو، ڪڏهن ملندو؟
هي بہ ڪونہ ڄاتو آ.

مون ڪڏهن ڇڏي گل کي
پيتيو نہ آ خود سان؛
جا سگند آ مون ۾
ڌار ناتہ ڌاريءَ ڪان.

سنڌ ڪان سوا منهنجي
شاعري اجائي آ،
ڪائنات جي خوشبو
سنڌ ۾ سمائي آ.

هي شاعر جي لهرائن ٿا
هي جيڪي آداب عرض ڪن،
جن کي ڪوبہ ضمير نہ آهي-

سچ چوڻ کان ڪيٻائن ٿا
ڏاڍ ڏمر کان گهبرائن ٿا،
بي دردي، کان داد گهرن ٿا
بي شرمي، سان شرمائن ٿا،
ڪور ڪور تي جن کي ڪتا
جن جي چيلھہ سڄي ٻوندي آ،
ڪنهن جي اوبر ڏانهن نهاري
رڙهندا آهن پيٽ سهاري،
هي بہ انهن ئي واجهائن ٿا
پنهنجي جهولي ڦهلائن ٿا-

هي شاعر جهي ڪانئر آهن
جن ٻوليءَ جي سگهہ ورڪي آ
جن کي ڪوبہ ضمير نہ آهي.

ﭘﻬﻨﺠﻲ ﺟﻴﺌﺮﻱ ٻارو
انقلاب اچڻو آ؛

ڪا نہ جنگ ٽيڻي آ
ڪوڙ جي نقيبن سان،
۽ ڪي وري ڳنڙيڻي آ
عمر تن عجيبن سان،

زندگي سڄي پنهنجي
جن ڪٽڙيُن ۾ ڪاٽي آ،
جي سدا امر آهن
تن ڳهڙيُن ۾ ڪاٽي آ.

چُپ چُپ رهن ڪيسين
خامشي عذاب آهي،
موت ڪان بہ بدتر آ
زندگي عذاب آهي،

اُن عذاب جو هاڻي
ڪو حساب اچڻو آ؛
پنهنجي جيئري ٻارو
انقلاب اچڻو آ.

پنهنجي ناهي، پرائي آهي
پوءِ به تہ ڪنهن جي ڄائي آهي!

هيءَ جا تنهنجي ڌيءَ نہ آهي،
هيءَ جا تنهنجي ماءُ نہ آهي،
ڪنهن جي ڌيءَ تہ آهي
ڪنهن جي ماءُ تہ آهي!

ان ۾ ڪائي ممتا آهي
تنهنجي ماءُ جيان؛
ان ۾ ڪائي مجتا آهي
تنهنجي ڌيءَ جيان.

آدرياءُ ڪرين شل ان جو
پنهنجي ماءُ ڏسي،
ان جي سِر تي هٿ ڌرين شل
پنهنجي ڌيءَ ڏسي!

هيءَ جا توسان پيار ونڊي ٿي
ڪنڌ ڪلهي تي لاڙي پنهنجو
هيءَ جا توتي گهاٽ رکي ٿي،

اهڙو ئي انسان تہ آهي—
رتُ ماس جو ساڳو پتلو،

جهڙي تنهنجي ماءُ هجي،
جهڙي تنهنجي ڌيءَ هجي!—

حڪمرانَ ڪي ڪونه مڃون ٿا
پوءِ به اسان محڪوم ته آهيون؛
ظالم لاءِ ته نفرت آهي
پوءِ به اسان مظلوم ته آهيون!
چالاڪ جو ناڪاري پاڳو
سو به ضروري آهي ساٿي،
هاڪاري پڙڪ بنان پر
چالَ نه پوري آهي ساٿي!
اڄ ڪان اڳتي ڇا ڪرڻو آ؟
اڄ ڪان اڳتي ڇا ٿيڻو آ؟
(اڳ ته اسين نادان هياسين
هاڻي توکي ڇا ڏيڻو آ؟)
سڄُ لهي ٿو ڪارونجهر تي
پوپان مورَ ٿهوڪا ڪن ٿا؛
ڪيڏي ڪاري رات لٿي آ؟
ٻاچا ڇا ڇا ڏيک ڏهن ٿا!
اهڙي ڪٺي اونداهي ۾
تون ڪو چنڊُ اُڀاري سگهندين؟
سيڪ لٿو آ، اڱڻ ڏکن ٿا
تون ڪو ٻارڻ ٻاري سگهندين؟
تون جو اڄ اڳواڻ بڻيو آن
سارو ڪوڙُ مٽائي سگهندين؟
جا ڌرتي تو ڪاله وڃائي،
سا ڌرتي اڄ پائي سگهندين؟ —

تنهنجون ڳهايون ڳالهيون ڇڻ کي
ڪِڪِريءَ ڪاريون آهن؛
ڇپ ۾ ٻٽيءَ ڇرڙاٽ ڪري ٿي
اُپيءَ اُڏاريون آهن؛
آهه اِنهيءَ لئه ڇُپ ۾ آهيان
توکي رَڌُو ڏيڻ جي چاهيان
شبد ڪوش ۾ ٻول نه آهن
ڪچيون ڳاريون آهن!
ڪنهن تي سوچان؟ ڇا تي سوچان؟
جيڪي آهه رَڌِي آهي؛
تو وٽ جيڪا نيڪي آهي،
منهنجي لاءِ ٻَدي آهي؛
توکي تو جنهن وقت ٻُڌان مان
هڪڙي ڳالهه ٻڇڻ تو چاهيان،
ڪهڙيءَ دنيا ۾ ڳهاريون ٿا
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟
ڪهڙي هيءَ صدي آهي؟

---

• شبدڪوش = ڊڪشنري، لغت

ڪي ماٺهو تاريخ تين ٿا
گهايل ڌرتيءَ جي سيني جيي
اهڙي ڳَهڙي چيخ ٿين ٿا،
جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي،
جا دنيا کي بدلائي ٿي.

هاڻي سڄر بهانڀي نڪري
ڪاسترو جي ڪيوبا يانڪي •
ڪيڏي هيبت سان ڏسن ٿا!
ڪيڏيءَ حسرت سان ڏسن ٿا!

---

• فيڊل ڪاسترو = ڪيوبا انقلابي مُنهندار
يانڪي = آمريڪي

ڪالهه جڏهن مون وارياسي ۾
ٻاگيون، ڳنڀ، ڳنڍيرڙ ڏسي،
سج جي ٻاڇي ڏانهن ڏٺو،
سونَ وَڌي ساواڻ هئي
مُنهن ڦيري جيڏانهن ڏٺو؛

تيسين ٿي ٿي تيڏانهن ڏٺو
سارو سج ٻڏي ويو جيسين
حسرت سان ڪنهن وقت فلسطين،
جئن ياسّر عرفات ڏسي،
چٽڀ انئين پيڪوڙي پنهنجا
سارا رتو رَت لڳن!

باک ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو
’وڪٽر جارا‘ کي. *

هي جو چلّيءَ جو راڳي آ
منهنجي پاءُ جيان آ،
اُن جي ڏُکياري ڌرتي ڇڻ
منهنجي ماءُ جيان آ.

سڀ انسان ٻڌا پيا آهن
ڏُک جي ڪنهن رشتي ۾،
اهڙي ڳوڙهي ڳنڍ نه آهي
سُک جهڙي ڪنهن رشتي ۾.

هن جي ٻولي آءٌ نه ڄاڻان،
توڙي اُن جو دردُ سڃاڻان.

منهنجا گيت سمايل آهن
ڇڻ هُن جي ٻوليءَ ۾،
ڪيئي گهاوَ لڪايل آهن
ڇڻ هُن جي ٻوليءَ ۾.

سچُ ڳالهه ۾ آهي هن ڪي،
ٻول نه، شعلا آهن،
مون کي شڪُ نه آ، هي منهنجن
گيتن جهڙا آهن.

---

* وڪٽر جارا (Victor Jara) = هسپانوي ٻوليءَ جو راڳي
شاعر، جو چلّيءَ جو رهاڪو
آهي.

## اورنگيءَ ۾ فساد

اورنگيءَ جي چوُراهي تي
دور جلايل بس جو دونهون
جنهن ۾ ڪجهه للڪارا آهن—
آسمانَ ۾ تارا آهن
جن جي ٽم ٽم لالَ لهوءَ ۾
ڦرٽيءَ تي ڏيکاري ڏي ٿي—
ڪنهن جو لال لهو آهي هي؟
ڪالهه اِنهيءَ ڀاڪا جا رستا
ڪنهن معنيٰ جي لاءِ رڱيا ها—
معنيٰ، جا بي معنيٰ نڪتي،
۽ جنهن تي تاريخ جا طعنا
اڄ بندوقن جي ٻوليءَ ۾
(ٻولي جيڪا اُردو ناهي)
زور زور سان گونجن ٿا.

## اپريل 1985ع

ڪنهن جو خون وهيو ٽوڙيءَ ۾
او ڏاڍڙ؟
ٽوڪسي ڪيئي سال مٿي ٿيا
روءُ رو ءُ مان تنهنجي نڪتا
جهڪي ڪيڙا
سڀي ٻه مٽيءَ سان ميٽي ٿي ويا۔
ڪالهه مگر تو ٽوڙيءَ ۾
لڳ ڀڳ ساڳيءَ ورديءَ ۾
ساڳي هولي کيڏي!
ٽوڪسي عمر ملي ڇو اڍي
او ڏاڍا!
مون ته ٻڌو هو
”ظلم سدائين قائم آهي
ظالم قائم دائم ناهي“
هاءِ پر ظالم!
عمر درازيءَ ۾ تون سڀ کي
مات ڏئي ويو آهين!

ٿرڊ ڪلاس جي گاڏيءَ ۾ هُوءَ
ڇاتيءَ تان ڪجھ انگي ريڙهي
ٻار کي ٻُڌُو ڏنهي ٿيي-
”ڏَڪ ڏَڪ هائي، ڏَڪ ڏَڪ هائي“
گاڏي جڻ ته ڇوي ٿيي؛
آڏيءَ اکتِ ڏسهي تيي
هن جي پيءُ کان پوڙهو ماڻهو
مڇون ڪوڙيل
پر ڏاڙهيءَ سان نوڙهو ماڻهو،
جڻ نظرن جي آگرين سان
هن جي ڇاتيءَ جي ڏانديءَ تان
گَنَل چني ٿو.

نظريا جن کي نظر ڪائي نہ آهي
جي نِپٽ نابين آهن،
توکان تنهنجو خون چاهن،
۽ ڏِئن تون!
سرخرو پنهنجي چريائيءَ تي ٿِئين تون!
اوه مجنون!
تنهنجي ليليٰ قحبہ آهي!
قحبہ آهي!
قحبہ آهي!

ڳيرو،
ڳاڙها،
۽ ڳَبرُ وارا
لفظ، آنهن جي
پيشانيءَ تي
گھُنج نہ آهن،
منهنجي ڪوتا
تن ڪي امرتا
آڇي آهي،
اِندرڌنش جئن
ڪوملتا، جا
آنت سڀني تائين هلئي آ.

هي ڏيکارا
رنگا رنگ گُلن جا ٻارا
جن تي موت جا پاڇا آهن!
ديوارن ۾ دُهڪا آهن،
لوڪ پنجن تا
ورڪ ورڪ تي سهڪا آهن،
ٽنڪ اڇن تا
گولن جا گڙگڙاٽ اڙي اڙي!
ماڻهوئڙن جا
رستن تي رانياٽ اڙي اڙي!
ٻڳ ٻڳ لاشا
تن جا لاڙيل ڳاٽ اڙي اڙي!
۽ پوءِ ماٺ جنگين جي آهي....
هاڻي آڇنگارن ۾ ڇا آهي؟
ديس آها ڳاڙهي آ جنهن جو
ڦيٿو ڦيٿو ڏار ٻيو آ،

ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن-
هر ماڻهوءَ کي بُک لڳي ٿي،
هر ماڻهوءَ کي اُڃَ لڳي ٿي،
پيار ڀنان ڄڻ هر ماڻهوءَ کي
ساري دنيا سُڃَ لڳي ٿي؛

توڙي تن جي قوم الڳ آ
توڙي تن جو رنگُ الڳ آ
توڙي تن جا ٻولَ نہ ساڳيا
توڙي سُر جو سنگُ الڳ آ
ماڻهو سڀ هڪجهڙا آهن-

هيءَ بہ حقيقت آهي ليڪن
ڪي ماڻهوءَ جو روپ رکن ٿا
سچ تہ شڪاري ڪتا آهن
ڪارا توڙي اڇا، تن کي
هڪجهڙا ڪاڻيا آهن؛

اڇا ڪتا ڪارا ڪتا
آڀي شاهيءَ وارا ڪتا
فوجيورديءَ وارا ڪتا،
سارا ڀُونجيءَ وارا ڪتا،
ها، ها، سڀ هڪجهڙا آهن.

## دهشت پسند جو موت

پنهنجي ڪلاشنڪوف کي
۽ ايڏي ساري خوف کي
ويڙهي، مٿي هيڏان رکي
هُو آ سُتو،
چُپ چاپ پيري ٿا اچن
وَردين سان ويري ٿا اچن
ڌرتي سنگهي ٿو موت جو
ڪارو ڪُتو۔
گولي چٽي ڳرڙاٽ سان،
لُڙ لُڙ ولاڙي لاٽ سان،
شعلو هوا سان اوچتو
هُن ڀر ڪُتو۔
هُن موت کان معني مڱي
آ رت جي رُومي ڇڱي،
ڳوڙها ته ڪجهه ناهن، رڳو
پاڻي ٿُتو۔

اڄ تن جي بندوقن مان
ڪيئي ڪيرڻ ڪڪوريا آهن
ڪيئي ڪنڌا موريا آهن
لفظ صفحن تان موڙ مُڪڻ ٿي
مٿن مٿان مَنڊماتا آهن،
لال لهوءَ ۾ لوڙيل گهوڙن
ڇا ڇا سهرا پاتا آهن!

ڇوڏاري جهرجهنگ ٻرن ٿا
ڇنڱ چپن جو چوريا آهن،
موت آمڙ جي لوليءَ وانگر
ڪنهن ٻاجهاري ٻوليءَ وانگر،
ننڊ هندوري وانگر تن جي
ديس مٿان جي گهوريا آهن،
ڪيڏا سپنا نڪتا آهن
اڄ لوڙيل صندوقن مان!

هي وڻ، جو ڪجهہ نِوڙيل پيو آ
مٿلهہ وڙهيءَ جڻ واچوڙي سان
ٿڪجي پيو آ—
سڄ ” آنهيءَ ڪي اڄ چنڊن ڪان
جڻ تہ چڪي ٿو
جڻ تہ چوي ٿو،
”تياري ڪر طوفان اچي ٿو
”ڪو اڙڪو امڪان اچي ٿو.“

وڻ ۾ ساڳيو واسُ ۾ ساڳيو،
مَنّ ۾ ساڳيو ماسُ ۾ ساڳيو،
ڌرتي ۽ آڪاسُ ۾ ساڳيو،
۽ ارتو آتهاسُ ۾ ساڳيو،
پنهنجو جيءُ جياپو ساڳيو
پنهنجو ناسُ وِناس ۾ ساڳيو،

هڪبئي کي ڇا لاءِ ميٽايون؟
هڪبئي سان ڳنڍ ڇو نه جڙيون ٿا؟
هڪبئي جو هٿُ ڇو نه وٺون ٿا؟
هڪبئي کي سڏُ ڇو نه ڏيون ٿا؟
ٻُڌو ساگر جا ٻولُ ڏسي پي
هڪبئي جو مٽُ ڇو نه ٿيون ٿا؟

هڪبئي سان ڳنڍُ ڇو نه جڙيون ٿا؟
هڪبئي کي سڏُ ڇو نه ڏيون ٿا؟
هڪبئي جو مٽُ ڇو نه ٿيون ٿا؟

## فاشي فوج جي شڪست

هو اُباڻيل ۽ آبالا ٿا اچن
لڙڪڙائيندا اچن ٿا
ٺيڙَ کائيندا اچن ٿا
راهه تي ڪيڏا رسالا ٿا اچن!

ڪيتري آڪڙ ڪندا ها!
ڪيتري ٻڙ ٻڙ ڪندا ها!
مورڪائيءَ جا ڏوالا ٿا اچن!

ڇا سياڻي هارَ پنهنجي
ياد رکندا مارَ پنهنجي؟
ڪيترو مايوس منالا ٿا اچن!

عمر گذري وئي،
ڏکڻ هن ديس جا
اڄ به ساڳيا هئا
جي هئا مون ڏٺا
سال چاليهه اڳ
ليهه يا ويهه اڳ،
ڪوبه ڦيرو نه آ!
ديس جي ڌانهن ۾!

امن جي فاخته
پرشڪسته، اڏري
جن سگهي ڪانه ٿي؛
اڄ به ساڳيا جهنڊا
ٿا هوا ۾ جهلن،
اڄ به ساڳيا ڪنڊا
راهه ۾ ٿا چڀن!

اڄ به ديوار آهي، اڳهين ڪان وڏي
ڪانه آهي سگهيو ڪوبه جهڪا لهي؛
اجنبي، اجنبي آدمي ٿا ملن
اجنبي گهور سان راهه تي ٿا ڪيلن!

ماڻهو ڪونه آ،
ماڻهپي جو ذڪر
هيٺن هن ديس ۾
اڳ پيو ڪونه آ!

انقلابي آئو!
اڄ ته هن ڏيہن جو
سڏ ورنائيو!
سڏ تي آءٌ ڪيئن اڪيلو وڃان؟
گڏ ورنائيو!
گڏ ورنائيو!
سڏ ورنائيو!
سڏ ورنائيو!

جيءَ جي جلاوطني
ڪيتري ٻُري آهي!
ڄڻ تہ ڪا ڇُري آهي
اندرون وڍي ٿي جا،
ديس منجهہ هوندي ڄڻ
ديس مان ڪڍي ٿي جا.

جيءَ جي جلاوطني
پاڻ ڪنهن ڳهري آهي!

ڇا ڪري اگر ماڻهو
ديس ۾ وديسي آ!
وٽس اِن تہي ڪهڙو
ڳالهہ ٿي تہ اهڙي آ!
ڪيترو ڪُري آهي!

جيءَ جي جلاوطني
ڪيتري ٻُري آهي!

هو سڀ آڌيءَ رات آچن ٿا،
مڱرمانَ تي ناچُ نچن ٿا.

مڱرمانَ جي چمڙي هيٺان
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
ڪيئي پوڍان سيڙهيون آهن
تن تي گڏجي هيٺ لهن ٿا،
دودي تائين، ٻاگهيءَ تائين —
ڪُنڊ ڪُنڊ ۾ ڏيپ جلن ٿا،
مڱرمانَ تي ناچُ نچن ٿا.

جيڪي ڪالهه انهيءَ ڌرتيءَ تي
ماريا ويا ها، سي ٻه آئن ٿا،
۽ پوءِ پنهنجي پيرن هيٺان
لاشُ چنيسرَ جو چيپائيسي
چاڙي ڪولي، اوڇي ڳاڙهي
ڏاڪولن سان ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا
مڱرمانَ تي ناچُ نچن ٿا.

رات جي سياهيءَ ۾
روشنيءَ جي جهرمر آ؛

ڪيترا نوان ماڻهو
مڇَ ۾ ڏي وڌن ٿا پيا
جڻ پتنگ آهن جي
مڇَ ۾ ڏي وڌن ٿا پيا؛

ڪُوڙ جا نوان حرّبا
ڪم نه ٿا اچن هاڻي
ڪوڙ سان نوان شعلا
ڪونه ٿا مچن هاڻي؛

ڪوڙ جا حواري سڀ
روز و شب بڪن ٿا پيا
آدمي انهن ڪان پر
ڪونه اڄ ڏڪن ٿا پيا؛

تون اڪيلڙي اي دل
ڪيترو ورڙهي آهين!
راهه تي اڳي ڪان تون
ڪيترو رڙهي آهين؟

پيا بس ٿا وڌن هاڻي
ڪيترا قدم اي دل!
واهه ۾ پيا ڦرڪن
ڪيترا علم اي دل!

وڪٽ وڪٽ ۾ ٽن سان
جيڪڏهن هلي هلندين،
منزلون وڏي ملنديون
تون جڏهن هلي هلندين.

گيت ئي جن گوريلا آهن،
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

جٿن جٿن جاءِ وڌي ٿي جنگ ۾
هُو ٻوليءَ جهي آڙ ۾ ڇُپن ٿا،
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا
موٽي منجهه پهاڙ ۾ ڇُپن ٿا؛

ڪيڏي تيرڇي تاڙ رکن ٿا
اُتر اُپري لاڙ ۾ ڇُپن ٿا؛
ساوڻ سنگ وسن ٿا ڏاڍو،
بادل تي آڪاس ۾ ڇُپن ٿا.

ڪالهه هُيا جي سُرخ گُلن جئن
اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيت ئي جن گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

جوت ٻرندڙي رهي
رات ٽرندڙي رهي....

باک جي ساک مان اڄ ڏٺي ٿو وڃان!
اڄ ڇٺي ٿو وڃان
"سيج" لالڻ سان
"مَدَ" رنڌي جيسان
"نيڻ سندوءِ مٿان
"آيرندو سائيو!" مسان ڇٺي ٿو وڃان،
باک جي ساک مان اڄ ڏٺي ٿو وڃان.

هانءَ هاريو مٿان!
پيرُ اڳٿي اڃان....
نيرُ نهٽان آگهو
پنڌ وڃهو پيو آهه آن ٻاک جي،
گيتُ منهنجي ڪٽي
آهه جا اڳ ڪٽي
تهن انوکيءَ صدا جي سڄيءَ ساک جو.

# شيخ اياز جا نيو فيلڊس
# طرفان شايع ٿيل ڪتاب

چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)
رڻ تي رِمِ جهم (شاعري)
ساهيوال جيل جي ڊائري
ڀڳت سنگهه کي ڦاسي
ڪپر ٿو ڪُن ڪري (شاعري)
ڪي جو ٻيجل ٻوليو (شاعري)
خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو 1)
راج- گهاٽ تي چنڊ (شاعري)
لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري)
ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي (شاعري)
آڪن نيرا ڦليا (شاعري)
ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون
ڀونر ڀري آڪاس (شاعري)
جهُڙ نيٽان نہ لهي (شاعري)
وڄون وسڻ آئيون (شاعري)
پنهل ڪان پوءِ (نثر)
جڳ مڙيوئي سپنو (شاعري)
اُڀر چنڊ پس پرين (شاعري)
پٽڻ ٿو پور ڪري (شاعري)
هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن (شاعري)

خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو 2)
ٽڪرا ٽٽل صليب جا (شاعري)
واٽون ڦلن ڇانئيون (شاعري)
الوداعي گيت (شاعري)
ڪَتين ڪَر موڙيا جڏهن-1 (شاعري)
ڪَتين ڪَر موڙيا جڏهن-2 (شاعري)
ننڊ وليون (شاعري)
سَر لوهيڙا ڳيبيا (شاعري)
سورج مکيءَ سانجهه (شاعري)
جَر- ڏيئا جهمڪن (شاعري)
هرڻ اکي ڪيڏانهن (شاعري)
ڪٿي نہ ڀڄبو ٽڪ مسافر (آتم ڪهاڻي)
چنڊ ڳليون (شاعري)
گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾ (شاعري)
ڪٿي نہ ڀڄبو ٽڪ مسافر (آتم ڪهاڻي)
ڪونجون ڪرڪن روهه تي (شاعري)
جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي (خط)
پن ڇڻ پڇاڙان (شاعري)
ڪلهي پاتم ڪينرو (شاعري)